
جڏهن خيال جاڳن ٿا!
(مضمون)
اظهر امر
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# جڏهن خيال جاڳن ٿا!

(ڪالم / مضمون)

## اظهر امر

ڊجيٽل ايڊيشن:

2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : جڏهن خيال جاڳن ٿا
موضوع : ڪالم / مضمون
ليکڪ : اظهر امر
ڊجيٽل ايڊيشن : 2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
books.sindhsalamat.com

هي ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو.

# ارپنا

**هي ڪتاب ارپيان ٿو**
**انهي**
**جهوني اديب کي**
**جنهن کي نوجوانن**
**جو قدر آهي.**

# سنڌ سلامت پاران

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئو ڪتاب **”جڏهن خيال جاڳن ٿا“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب نئين ٿهيءَ جي ايرنڊڙ ليکڪ **اظهر امر** جي ڪالمن ۽ مضمونن جو مجموعو آهي.

اظهر امر جا مضمون گهڻو ڪري ڪتابن تي تبصري جي صورت ۾ آهن، جيڪو هڪ ساراه جوڳو عمل آهي. اظهر جي ان ڪم کي ٻيو ڪوئي اهميت ڏئي يا نہ پر حقيقت ۾ جس آهي اظهر کي جيڪو ان ڪم کي پنهنجو فرض سمجهي ڪري رهيو آهي. ليکڪ دوستن کي اظهر ان مضمون جي صورت ۾ حوصلو ۽ اهميت ٿو ڏئي ۽ هنن جي لاءِ اڃا بہ وڌيڪ جذبي ۽ جنون سان ڪم ڪرڻ جو ڪارڻ ٿو بڻجي.

اظهر امر جو هي ڪتاب ڪنهن به اداري ناهي ڇاپيو، تنهنڪري هن پيار، پاٻوهہ سک ۽ اڪير مان سنڌ سلامت ڏانهن موڪليو آهي ته جيئن آن لائين اپلوڊ ڪري سيني سنڌين تائين پهچايون. پيارا اظهر امرسنڌ سلامت سٿ ۽ فورم اوهان سان گڏ هنن لکڻين کي به دلي موٽ ڏيندو. اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
Sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## فهرست


- مهاڳ: علي عاجز شر
- رايو: منل جسڪاڻي
- ارشاد سومرو
- يوسف جميل لغاري
- پنهنجي پاران: اظهر امر


## ڪالم/مضمون


- لاڙ پٽيءَ جو لاڪيٽو ڪهاڻيڪار
- بيخود بلوچ جي ڪتاب اعتراض تي هڪ نظر
- ڪتاب "تون ئي تون" جو سرجڻهار بخاري افضل
- منل جسڪاڻي جي سفرنامي "سفر بخير" تي هڪ نظر!
- ڪتاب: اذيتن جي اُس (ڪهاڻيون) ليکڪ: جعفر شاهاڻي
- جاويد جبار جي ڪتاب زنگجِي ويل نِندب تي هڪ نظر!
- زراعت جي حوالي سان بهترين ڄاڻ ڏيندڙ ڪتاب "زرعي سونهون"
- محمد علي جروار جي ڪتاب هجومن ۾ اڪيلائي تي هڪ نظر!
- "درد خوبصورت" جو سرجڻهار نياز راڄپر!
- "اک نماڻي ڪجل سڏڪا" تي هڪ نظر!
- ڪتاب اهڙا جن اهڃاڻ تي رايو
- "مون سارينديِ سپرين" جو سرجڻهار وفا صالح راڄپر
- اقبال بلوچ جي ڪتاب "جيئڻ جنين ڪاڻ" تي تبصرو!
- ڪتاب "ڪامريڊ هوچي منھ" جو سرجڻهار ايشور لال!
- ڪتاب "تنين ڪي تعليم جي" تي هڪ نظر
- ڪانهي ويل ويهڻ جي تعلق فيض گنج جو ادبي جائزو!
- ڪوءَ ڳنڍيندڙ هوءَ ڪتاب ڪي لفظن جي پيتا!
- يوسف جميل لغاري جي ڪتاب "اداس اکڙيون" تي هڪ نظر!
- "سمنڊ ڪنارو" ڪتاب جو سرجڻهار خادم گهراڻو!
- ماڻهو هڪ جهنگل آ ناول تي اڌورا خيال !

مهاڳ

# جڏهن خيال جاڳن ٿا سپرين جا

جيڪڏهن اسان کي نوجوانن سان شڪايت آهي ته اهي سنو نٿا لکن ته نوجوانن کي وري سينيئر اديبن، شاعرن کان شڪايت آهي ته هُو هنن جي رهنمائي نه پيا ڪن، جڏهن ڪو به وڏو اديب ڪٿي انٽرويو ٿو ڏئي ته ان جي اها شڪايت آهي ئي آهي ته اڄڪلهه اهو معياري ادب نه پيو سرجيو وڃي ۽ نوجوان بلڪل به محنت نه پيا ڪن. پر حقيقت ته اها آهي جو نوجوان اسان کان به وڌيڪ محنت پيا ڪن، اهو ضروري ته ناهي جو هر ماڻهوءَ جي هر لکڻي معياري هجي، پر ها، ادبي معيار گهٽجڻ جو هڪ سبب اهو به ضرور آهي ته ”ادب جو اصلاحي تنقيد وارو شعبو“ پوئتي رهجي ويو آهي.
نوجوان قومن ۽ ملڪن جو سرمايو هوندا آهن ان جي ڪري اسان کي نوجوانن کان مايوس ٿيڻ بجاءِ خوش ٿيڻ گهرجي. نوجوان اسان جو سرمايو آهن اسان کي انهن جي اصلاح ڪرڻ گهرجي، رهنمائي ڪرڻ گهرجي ۽ فخر ڪرڻ گهرجي ته جيئن هو اڃا به وڌيڪ محنت ڪن.
اهڙن ئي نوجوانن ۾ اظهر امر به هڪ آهي، جيڪو پڻ ادب جو شوق رکندڙن مان آهي. هونئن ته فيسبڪ تي اظهر امر جا مضمون پڙهندو رهندو آهيان پر يقينن ان وقت خوشيءَ جي لهر ڇڻ ته منهنجي دل تان گذري وئي جڏهن نوجوان شاعر ۽ مضمون نويس اظهر امر پنهنجي لکيل مضمونن جو ڪتاب واٽسپ ڪري مهاڳ لکي ڏيڻ جو چيو. حقيقت ته اها آهي جو ڪوبه ڪم آسان ناهي هوندو، هر ڪم محنت طلب هوندو آهي انهن ۾ مضمون لکڻ به هڪ محنت طلب ڪم آهي.
مضمون لکڻ جي شروعات ته انگريزن جي دور کان ٿي جنهن ۾ ڪيترن ئي سنڌي اديبن مضمون لکڻ شروع ڪيا، پر سڀ کان پهريان مضمون جي شروعات مرزا قليچ بيگ فرانس بيڪن جي مضمونن کي ترجمو ڪري ”مقالت الحڪمت“ جي نالي سان ڪئي. جنهن کان پوءِ ٻين به ڪيترن ئي اديبن پنهنجا طبع زاد مضمون لکيا. مضمون لکڻ جي لاءِ موضوع جي ڪابه پابندي ناهي هوندي. مطلب ڪنهن به موضوع تي لکي سگهجي ٿو. انگريزن جي دور ۾ مضمون جي شهرت جو سبب صحافي ٻڌيا جن مضمون جي صنف کي اوج رسايو. ان کان پوءِ جوت اخبار جو به مضمون جي صنف کي اڳتي آڻڻ ۾ وڏو هٿ هيو. جيڪڏهن انگريزن جي دور ۾ مضمون نويسن کي ڏسجي ته انهن ۾ پرمانند ميوارام جو نالو به نمايان آهي. جنهن جا پڻ سماجي، سياسي، اصلاحي، مذهبي ۽ تفريحي مضمون جيڪي جوت اخبار ۾ ڇپجندا رهندا هئا. مضمون شروع کان ئي پڙهندڙن وٽ پنهنجي جاءِ والاري چڪو هو، جنهن کي اڄ جا نوجوان اڃا به وڌيڪ خوبصورت ڪري پيش پيا ڪن.

اظهر امر جو ڪتاب ”جڏهن خيال جاڳن ٿا“ جنهن ۾ ڪالم ۽ مضمون شامل آهن. اظهر امر جا مضمون اڪثر ڪري ليکڪن ۽ شاعرن جي ڪتابن تي تبصري جي صورت ۾ آهن جيڪو پڻ ساراه جوڳو عمل آهي، اظهر جي ان ڪم کي ڀيو ڪوئي اهميت ڏئي يا نہ پر حقيقت ۾ جس آهي اظهر کي جيڪو ان ڪم کي پنهنجو فرض سمجهي ڪري رهيو آهي. ليکڪ دوستن کي اظهر ان مضمون جي صورت ۾ حوصلو ۽ اهميت ٿو ڏئي ۽ هنن جي لاء اجا بہ وڌيڪ جذبي ۽ جنون سان ڪم ڪرڻ جو ڪارڻ ٿو بنجي.
اظهر وٽ ڪالم ۽ مضمون لکڻ جو فن آهي، مضمون لکڻ ڪو آسان ڪم ناهي ڪنهن بہ موضوع تي مضمون لکڻ کان پهريان ان موضوع جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ حاصل ڪرڻ ضروري هوندي آهي. اظهر بہ جن ڪتابن تي لکيو آهي انهن سان ڏاڍو سٺو نباهيو آهيو. هن ڪتاب ۾ شامل مضمون جن ڪتابن تي لکيا ويا آهن انهن ۾ ڪجهہ کان سواء منهنجا پڙهيل نہ هيا پر اظهر جا انهن ڪتابن تي لکيل مضمون پڙهي اها خبر ضرور پئي تہ اهي ڪتاب ڪنهن ڪنهن جا ۽ ڪهڙن ڪهڙن موضوعن تي لکيل آهن. اظهر امر وٽ مضمون لکڻ جو اهو ڏانء ضرور آهي تہ هو ڪتاب تي تبصرو تہ ڪري ٿو پر ان سان گڏ ان جي ليکڪ جي باري ۾ بہ ڄاڻ ڏئي ٿو. جيئن منل جسڪاڻيء جو سفرنامو ”سفر بخير“ آهي. ان مضمون پڙهڻ سان اها خبر پئي تہ منل جسڪاڻي زرعي يونيورسٽيء ۾ پنهنجي نوڪري ڪرڻ سان گڏ ادبي ذوق بہ رکي ٿو ۽ ان سان گڏ اسان کي منل جسڪاڻيء جي شخصيت جي باري ۾ بہ معلومات ملي ٿي.
اظهر امر جي هن ڪتاب ۾ شامل مضمون جن ڪتابن تي لکيل آهن اهي ڪتاب ڪجهہ شاعري تي مشتمل آهن. ڪجهہ سفر نامن تي ۽ ڪجهہ ڪهاڻين ۽ ٻين موضوئن تي آڌاريل آهن اظهر امر جي اها چونڊ اظهر امر جي لکڻ جي گهڻ رخي پاسي کي ظاهر ڪري ٿي. اظهر امر ۾ سڪڻ ۽ لکڻ جو جذبو آهي جنهن ڪان پوءِ ائين ضرور چئي ٿو سگهجي تہ جيڪڏهن اظهر اهو پنهنجو لکڻ ۽ پڙهڻ وارو شوق جاري رکيو تہ هو مستقبل جو بهترين ليکڪ ٿي سگهي ٿو.

**علي عاجزشر**

**سرمد جو گهر پڪا چانگ**

**5_11_2019**

# تحقيق جي دائري ۾ ايندڙ ڪتاب
# ”جڏهن خيال جاڳن ٿا“

ماڻهوءَ جي من اندر ۾ متل مانڌاڻ، اُٿل ٿُٻل ۽ پيچ ڊاهه جو سبب بڻجي ٿي، ته نيون سوچون سرجن ٿيون. سوچُون، جيڪي اصل ۾ هڪ نه ته ڪنهن ٻئي عمل جو رد عمل هجن ٿيون. اهو ردعمل، ٻار ڪان ٻُڍي تائين، هر ڪو پنهنجي انداز ۾ ظاهر ڪري ٿو. ڪي ماڻهُو، اشارن ۽ ڪناين ۾، ڪي سندن ڪردار ۽ عمل وسيلي، ته ڪي وري ان کي لفظن جو روپ ڏئي، ڪلامي يا قلمي طور ظاهر ڪندا آهن.

قلم وسيلي پنهنجي خيالن، سوچن، ويچارن، نظرين جي اُپٽار جا انيڪ طريقا آهن، جن مان ٻه، نظم ۽ نثر وارو طريقو وڌيڪ موثر رهيو آهي، پر لکندڙ جي شروعات وارين تحريرن (شاعري توڙي نثر) ۾ انيڪ ڪچايون ۽ ڦڪايون هجڻ ڪري، اهي لکڻيون ڪو خاص تاثر نه ڇڏينديون آهن. البت، جڏهن قلم جو سهارو وٺندڙ، لکڻ سان گڏوگڏ مطالعو ۽ مُشاهدو ڪري ٿو، ته سندس تحريرن ۾ پختگيءَ اچڻ شروع ٿي ويندي آهي.

عام طور هر ليکڪ، شاعر توڙي نثر نويس، شروع ۾ صرف سندس من اندر مان اُڇل ڪائي نڪرندڙ لفظ لکي، جملا لکندو آهي، جيڪي اڳتي هلي شاعريءَ يا وري نثر جي هڪ نه ته ڪنهن ٻيءَ صنف جي صورت ۾، پڙهندڙن تائين پهچڻ شروع ٿين ٿيا. اظهر امر جي حوالي سان جيستائين مون کي اندازو آهي، ته هن لکڻ جي شروعات شاعريءَ سان ڪئي ۽ پوءِ اڳتي هلي، نثر ۾ پڻ طبع آزمائي ڪرڻ لڳو.

ٻين گهڻن ليکڪن وانگر، شروع ۾ اظهر جي من ۾ جيئن ٻه آيو، هن جيڪو ٻه لکيو، اهو سندس مرضيءَ سان ئي لکيو، پر اڳتي هلي، اظهر پڻ، ٻين ليکڪن وانگر، ٻين جي مرضيءَ سان پڻ لکيو. ۽ سندس اهو سلسلو جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو. ايترو ته وڌي ويو، جو، جيستائين منهنجو اندازو آهي، ته اظهر، جيڪو بنيادي طور شاعر آهي، هاڻي نثر نويس ۽ گهڻو لکندڙ نثر نويس آهي. سندس اڪثر تحريرون، ٻين ليکڪن، شاعرن، ڪهاڻيڪارن، مضمون نويسن، ناول نگارن جي ڇپيل ڪتابن جي حوالي سان آهن.

هيءَ ٻه اکر لکڻ کان پهرين، اظهر امر واٽس ايپ ميسيج ۾، هڪ پي ڊي ايف فائيل ۽ ”قبلا سائين ڪتاب تي رايو لکي ڏيو“ جو نياپو موڪليو. سچ اهو آهي ته منهنجي خواب خيال ۾ ئي نه هو، ته ڪو، اظهر امر سندس ڪتاب موڪليو آهي ۽ ان تي رايو

لکڻ لاءِ چيو آهي. ڇو تہ اظهر امر اڄ جي دور جي تڪڙي رابطي يعني موبائيل فون ۽ ان وسيلي سوشل ميڊيا جي گهڻي استعمال ٿيندڙ ذريعي فيس بوڪ ذريعي پڻ رابطي ۾ رهيو آهي، پر اسان جون روبرو ملاقاتون بہ ڪي گهٽيون ديرائيتيون نہ ٿينديون آهن. ۽ هن ڪڏهن بہ مون سان سندس ڪتاب جو ذڪر نہ ڪيو.
واٽس ايپ فائيل ڊائون لوڊ ڪري ڏسڻ ۽ پڙهڻ سان مون کي ٻن لحاظن کان حيرت ٿي. هڪ اها تہ اظهر ايترو گهڻو لکي چڪو آهي، جو سندس مجموعو اچي رهيو آهي ۽ ٻيءَ حيرت ان ڪري ٿي، تہ سندس هي پهريون ڪتاب، ڪاڳرن تي ڇپجي پڙهندڙن تائين پهچڻ وارو نہ آهي.
هر ماڻهُوءَ جي پنهنجي سوچ آهي. آئون پهرين عام رواجي طريقي سان ڪتاب ڇپجڻ ۽ پوءِ ان کي آن لائين ڇاپڻ جي حق ۾ آهيان. ڇو تہ ان طريقي سان آئون پنهنجو هڪ ڪتاب، جيڪو مون انگريزي ۾ لکيو، آن لائين ان ارادي ۽ نيت سان، ڇپجڻ کان پهرين عام ڪيو، تہ ڪتاب پڻ ترت ئي ڇپرائي وٺندس، پر پوءِ ٿيو ائين تہ منهنجو اهو ڪتاب، جنهن ويب سائيٽ تي آن لائين ٿيو، اها ويب سائيٽ بند ٿي وئي ۽ منهنجي ان ڪتاب جو سمورو مواد، هڪ ٻيءَ ويب سائيٽ تان، مون کي ٻُڌائڻ ڪانسواءِ، منهنجو نالو ڪاٽي، باقي مواد جيئن جو تيئن ڇاپيو ويو! اهو ڪتاب انگريزي ۾ هجڻ جي ڪري، هاڻي ڪاپي رائيٽ جي اصولن مطابق، منهنجو ئي ڪتاب، منهنجو هوندي بہ منهنجو نہ رهيو آهي.
اظهر امر جو هي پهريون ڪتاب "جذهن خيال جاڳن ٽا"، آن لائين ڪتابن جي معروف ۽ مقبول ويب سائيٽ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" جي سلسلي جي هڪ ڪڙي طور پڙهندڙن کي مطالعي لاءِ مُيسر هوندو. هن ڪتاب ۾ اظهر امر جون سموريون تحريرون مختلف ڪتابن ۽ انهن جي ليکڪن جي تعارف ۽ تبصرن تي مشتمل آهن. هي اهو ڪم آهي، جيڪو هاڻي نالو نڪتل ليکڪ نہ ڪندا آهن. اظهر امر نوجوان آهي، اڃان شاگرد آهي، ڪُڙم وارو آهي، منهنجي سوچ مطابق تہ سندس ترجيح في الحال ڪا ٻي هُجي، پر جيڪڏهن هو پنهنجي اصل ذميوارين کي سهڻي نموني سان نڀائي، مختلف ڪتاب پڙهي، انهن تي پنهنجا رايا ڏئي سگهي پيو، تہ سندس هي عمل بہ ساراهہ جوڳو ٿي پوي ٿو.
جيتوڻيڪ اظهر امر جون، هن ڪتاب ۾ شامل شروعاتي نثري لکڻيون آهن، پر جيڪڏهن ايمانداريءَ سان رايو ڏجي، تہ اظهر امر جو هي پورهيو تحقيق جي دائري ۾ اچي ٿو. مون کي عام لکيڪ جي پيٽ ۾ ڪنهن بہ مضمون، ڪنهن بہ شعبي جو محقق وڌيڪ وڻي ٿو.
اظهر امر جي لاءِ مون وٽ خلوص ۽ نيڪ تمنائن کان وڌيڪ ٻيو ڇا اهم آهي، جيڪو هجڻ گهرجي؟ جتي بہ هجي، سدا خوش، خيريت سان هجي ۽ اهڙي عمل، ردعمل ۾ هجي، جنهن سان هو پنهنجي هڪ الڳ ٿلڳ ۽ منفرد سڃاڻپ پيدا بہ ڪري سگهي ۽ ان کي قائم بہ رکي سگهي.

## مٽل جسڪاٽي

ٿنڊو چام

خميس، 24 آڪٽوبر 2019ع

# هر ماڻهوءَ جي هڪڙي دنيا آهي!

هن دنيا ۾ انيڪ قسم جا ماڻهو رهن ٿا. هر ڪنهن جا شوق، خواهشون ۽ تمنائون الڳ الڳ آهن. ڪنهن کي پئسن گڏ ڪرڻ جو جنون آهي ته وري ڪنهن کي سير و سفر جو شوق آهي. ڪو پراڻين ۽ قديمي شين کي سانڍڻ جو ماهر آهي ته وري ڪنهن کي جديد شين سان لڳاءُ آهي. مطلب ته هر ڪنهن جو مزاج ٻي کان الڳ ۽ بنهه منفرد آهي. انهي نموني سان جڏهن هم خيال ماڻهن جو پاڻ ۾ تعلق جڙندو آهي يا هڪ ٻي سان انهن جي واقفيت ٿيندي آهي ته اُنهي مهل انهن جي وچ ۾ محبت جي هڪڙي لڪير پيدا ٿي پوندي آهي.
ڪجھ عرصو پهريان اظهر امر ۽ منهنجي وچ ۾ به ڪجھ اهڙي سڱنڌ جڙي پئي. اظهر کي ادب سان لڳاءُ آهي ۽ منهنجو به ڪتابن سان نينهن ناتو جڙيل رهيو آهي. سو تمام ٿوري عرصي ۾ هڪ ٻي سان خوب ڪچهريون ڪرڻ لڳاسين.اسان جون ڪچهريون عمومن ڪال تي ٿينديون هيون. پر اُن جي باوجود هڪڙي ڪوشش اِها به هوندي هئي ته اسان جي ڪچهرين جو محور ۽ مرڪز هميشه ادب ئي رهي ۽ ٿيو به ائين ئي. ادبي صورتحال، نوجوانن لکيڪن جي محنتن ۽ ڪتابن جي اهميت تي خيال جي ڏي وٺ ٿيندي هئي.
ائين ئي اسان به پنهنجي هڪ الڳ دنيا جوڙي ورتي. هڪ اهڙي دنيا جنهن ۾ نفرتن لاءِ ڪا به جاءِ مقرر ڪونه هئي. جيڪڏهن جاءِ هئي به ته ڪتابن لاءِ هئي. سُٺن خيالن ۽ خوابن لاءِ هئي. ترقي پسند سوچ لاءِ هئي. تخليقي ۽ فني صلاحيتن لاءِ هئي. روشني جي راهن لاءِ هئي. باقي اونداهه ۽ ذهني غلامي لاءِ ڏڪار جو وڏو مقدار موجود هو.
اظهر امر جو هي ڪتاب جيڪو هن مهل توهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ موجود مضمون (ڪتابن تي ڪيل تبصرا) انتهائي ڪار آمد مضمون آهن. ڪنهن به ڪتاب تي اظهار خيال ڪرڻ مطلب ته پنهنجا تاثرات لکڻ انتهائي ڪٺن ڪم آهي. جيڪو اظهر ڪري ڏيکاريو.
ڇو ته ڪنهن به ڪتاب تي تڏهن ئي ڪجھ لکي سگھجي ٿو يا ڳالهائي سگھجي ٿو جڏهن انهي ڪتاب جو مڪمل نموني سان مطالعو ڪجي. انهي ڪتاب ۾ ليکڪ جي نقطہ نظر کي سندس اصل رُخ ۾ سمجھجي. تڏهن ئي وڃي ڪري انهي ته ماڻهو ڪجھ لفظ لکي سگھي ٿو. ساڻس انصاف ڪري سگھي ٿو.اسين جنهن معاشري جا حصا آهيون. اُنهي معاشري ۾ ڪتاب تمام ٿوري مقدار ۾ پڙهيا وڃن ٿا. هتي ڪتاب صرف اهي ماڻهو پڙهن ٿا جيڪي ڪنهن نه ڪنهن حساب سان، عمر جي ڪنهن نه ڪنهن حد ۾ ادب سان سلهاڙيل رهيا يا ادب دوست رهيا. اُهي ئي ماڻهو ڪتاب پڙهن ٿا. باقي ڪُل پيران دا خير.

انهي جو مکيہ سبب اِهو آهي تہ اسان وٽ ٻارن کي والدين تربيت ۾ مطالعو جو نہ ئي چون ٿا ۽ نہ ئي کين اِها عادت اپنائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جيڪڏهن پڙهڻ جي تلقين ڪن بہ ٿا تہ اُها تلقين صرف نصابي ڪتابن جي پڙهڻ تائين محدود هجي ٿي. انهي ڪارڻ هتي مطالعي جا شوقين گهٽ آهن.اظهر امر بہ نصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي ڪتابن جو جهڙي نموني شيدائي ٿيو ۽ ادب ۾ پاڻ مڃائڻ جي ڪوشش ڪيائين. اهو بہ هڪ تويل قصو آهي. اهو بہ صاحب ڪتاب جيڪڏهن چاهي تہ توهان سان ونڊ ڪري سگهي ٿو. باقي مون کي اختيارات ڪونہ آهن.

بس آئون تہ ايترو ئي چئي سگهان ٿو تہ جن ماڻهن ڪتابن سان عشق ڪيو آهي ۽ ڪتابن ۾ پناهہ گاهون تلاش ڪيون آهن. انهن ماڻهن جي آجيان لاءِ تاريخ پاڻ گلن جا هار ڪٽي ڪري انتظار ۾ بيهندي آهي. جيڪڏهن توهان چاهيو تہ توهان جو پليڪار بہ انهي نموني ٿئي تہ پوءِ ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو ۽ ڪتابن سان راتيون جاڳي ڪري گذاريو تہ جئين توهان بہ سرخرو ٿي سگهو.

**يوسف جميل لغاري**

**ٽري ميرواهہ**

# اظهر امر لفظن کي موتين جيان سينگاريندڙ ليکڪ

جڏهن خيال جاڳن ٿا، هيءَ ڪتب اخبارن ۾ ڇپيل ڪتابن تي تبصرن تي مشتمل آهي، هن ڪتاب ۾ اظهرامر پنهنجا جاڳيل خيال ٽڪ جي رليءَ تي رنگين ٽڪرن جيان سنهيءَ سوءَ سان سبي حسن ۾ چوڏهن چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. اظهر امر هڪ گهڻ پڙهيو (پڙهاڪو) ليکڪ آهي، هن ٿوري عرصي ۾ ايترا ڪتاب پڙهيا آهن ۽ وري انهن تي ڀرپور تبصرا لکي مختلف اخبارن ۾ ڇپرايا به آهن، هڪ ته پورو ڪتاب پڙهجي، وري ان تي ايمانداريءَ سان لکجي، سچ پچ وڏو مشڪل ۽ محنت جو ڪم آهي، جس آهي اظهر امر کي جنهن ايڏو ڏکيو ڪم سرانجام ڏنو، هن سوشل ميڊيا جي دور ۾ نوجوان نسل ڪتابن کان دور ٿيندو پيو وڃي،ان راءِ کي اظهر امر جا ڪتابن تي لکيل تبصرا رد ڪن ٿا، اسان جو نوجوان ڪتاب پڙهي ٿو، ڪڙهي به ٿو، تڏهن ئي ته لکي ٿو! ان جو ثبوت هي ڪتاب آهي. ڪتاب تي لکيل بهترين تبصرو ڪتاب جو مله مٽانهون ٿو ڪري ڇڏي، تبصري پڙهڻ سان ڪتاب پڙهڻ جو اتساهه ٿو پيدا ٿئي، ۽ ڪتاب جي وڪري ۾ به اضافو ٿو ٿئي، ان جو مثال اوهان سان ونڊيان ٿي. جڏهن منير چانڊيو جو ٻيو ناول ´تو پچاٽا` تي لکيل تبصرو عبرت اخبار ۾ ڇپيو ته، تبصرو پڙهي ناول خريد ڪري پڙهيو، ناول پڙهڻ سان سندس پهرين ناول ´ڪيف ڊارا ڪوهه´ پڙهڻ جو تجسس وڌيو، پوءِ وري ٽيون ناول `پري هن پنيور ۾´ پڙهيو، هڪ بهترين تبصرو پڙهڻ ڪري ليکڪ جا ٽي ڪتاب پڙهي ڇڏيا، تازو مگهاڻيءَ جي ناول ´رج`تي اڪبر لغاريءَ پنهنجي اخبار ۾ بهترين تبصرو لکيو ته ناول پڙهڻ جو اشتياق جاڳيو، ۽ ادبي بورڊ فون ڪئي ته ناول گهرجي، رج ناول ڪافي پراڻو هو پر اڪبر لغاريءَ جي تبصري نئون جنم ڏئي ڇڏيس.

جئين نئين فلم کي مشهور ڪرڻ لاءِ، ان جي ٽيلر کي خوبصورت ڪري ڏيکاريو ويندو آهي ته فلم بين ڏسڻ لاءِ بيتاب ٿي وڃي، اهڙي ريت ڪتاب تي لکيل بهترين تبصرو به پڙهندڙن کي، ڪتاب پڙهڻ لاءِ بيچين ٿو ڪري، اهيو تبصري نويس جو ڪمال هوندو آهي، هڪ بهترين تبصري نويس جو ڪم آهي ته هو خوبين سان گڏ خامين جي نشاندهي ڪري، اجائي تنقيد کان پاسو ڪري، ڇو جو تنقيد تقيدنگار جو ڪم آهي. اهڙي صلاحيت کان اظهر امر به مالا مال آهي، هن ۾ لفظن جي جادوگري آهي، هن به پنهنجن لکيل تبصرن ۾ ايمانداريءَ کان ڪم ورتو آهي، اجائي تنقيد کان پاسو ڪيو آهي، ڪتابن جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي جا سندس خوبي آهي. اظهر امر پنهنجا تبصرا ڪتابي صورت ۾ آڻي محفوظ ڪري ڇڏيا آهن، سندس تبصرا ڪتابي صورت ۾ ڏسي بيحد خوشي ٿي. جنهن کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي. نوجوان ليکڪ اسان جو آئيندو آهن، اظهر امر جڏهن به ڪا لکڻي ڏيکاري، مون هميشه اهيوئي چيو لکندا رهو

پاڻ ئي بهتري ايندي ٿڪڙو ناهي، نہ رڪڻو آ. بس لکندا رهو، اسان جي سنڌي ساهت ۾ نئون لکندڙن جي حوصلاافضائي ڪان وڌيڪ حوصلا شڪنائي ئي ڪئي ويندي آهي، پر پاڙيء جا وهڪرا پنهنجا رستا پاڻ ئي ناهيندا آهن، اظهر امر کي بہ اهڙي لکڻ جاري رکڻ گهرجي، منزل پلي ڏور سهي منزل هڪ ڏينهن ضرور ملندي، اسان جي دعا آهي تہ الله پاڪ اظهر امر کي ڪاميابيون عطا فرمائي. هي ڪتاب ڪو ادارو پبلش نہ پيو ڪري بلڪ سنڌ سلامت ڪتاب گهر تي رکيو ويندو، جس آهي سنڌ سلامت ڪتاب گهر وارن کي جن پڙهندڙن کي ڪتابن جا خزانا ميسر ڪري ڏنا آهن، ۽ جيڪي ليڪڪ ڪتاب پبلش نٿا ڪرائي سگهن انهن لاء بہ بهترين ميدان آهي. اسان جا ڪيترائي بهترين ليڪڪ آهن جيڪي مالي مسئلن ڪري ڪتاب نٿا ڇپائي سگهن، انهن ليڪڪن کي گهرجي تہ پنهنجا ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر تي اپ لوڊ ڪن، اجايو مواد کي ضايع نہ ڪن، هن دور ۾ ڪتاب ڇپائڻ وڏي ڏڇي جو ڪم آهي، مون ڪنهن ليڪڪ جو مضمون پڙهيو هو هن لکيو هو تہ ٻاهرين ملڪن ۾ يا اردو ليڪڪ ڪتاب لکي تہ ويهي سڄي عمر کائي، اسان سنڌي ليڪڪ ڪتاب لکون تہ ڇپايون بہ پاڻ، ڪپايون بہ پاڻ، نہ ڪپي تہ ورهايون بہ پاڻ هاٽي تہ اعزازي ڪاپيء جا خرچ بہ ڀيچيء ۾آهي. اظهر امر ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي واڌايون.

**ارشاد سومرو**

**27 آڪٽوبر 2019 حيدرآباد**

# ليکڪ پاران

اڄ پنهنجي ڪتاب "جڏهن خيال جاڳن ٿا" لاءِ پنهنجي پاران لکندي بيحد خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان, ڪافي وقت کان مختلف ماڻهن جي ڪتابن جو مطالعو ڪندي ڪتابن تي پنهنجا خيال لکندو رهيس, اُهي خيال تبصرن/ تجزين جي صورت ۾ حاضر آهن. اڄ ادبي ميدان ۾ پنهنجي قلم سان لکيل ادبي پورهئي کي اوهان سڀڻن اڳيان ڪتاب جي صورت ۾ رکي رهيو آهيان.

ٿوري وقت ۾ ڪافي ڪتابن جو مطالعو ڪيو آهي, انهي ڪتابن ۾ ليکڪ طرفان "پنهنجي پاران" لکيل رايو پڙهڻ لاءِ ملندو آهي اڪثر ليکڪ الائي ڇا ڇا لکي ويندا آهن پر جڏهن پنهنجي پاران نوٽ لکڻ جو وقت ايندو آهي الائي ڇو گهٻرائجي ويندا آهن. مان ڪو وڏو ليکڪ ناهيان نه وري ڪو وڏو اديب آهيان اڄ پنهنجي پاران نوٽ لکڻ وقت منهنجي هٿن جي آڱريون ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. خيالن جا داستان وهندڙ پاڻي جيان وهي آيا آهن. تڏهن اڄ هي سڀ ڪجهه لکي رهيو آهيان, هن ڪتاب ۾ شامل جن ڪتابن تي مون تبصرا لکيا اُهي ڪتاب مون کي سوکڙي ٿي مليا, تنهن ڪانسواءِ ٻيا به ڪافي ڪتاب سوکڙي طور مليا جن تي لکي نه سگهيس جيڪي ڪجهه ڏينهن پهريان مليا آهن اُنهن تي وري بعد ۾ لکندس گهڻي مصروفيات سبب ڪتاب کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ دير ضرور ٿي آهي.

اڳتي لکندس اول مان انهن پيارن کان معذرت ڪندس جن ڪتاب سوکڙي طور موڪليا مان انهن ڪتابن تي تبصرو لکي هن ڪتاب ۾ شامل نه ڪري سگهيس. انهن ڪتابن نه وري اڳتي لکي ٻئي حصي ۾ شامل ڪندس انهي ڪانپوءِ مان سڀ کان پهريان ٿورائتو آهيان انهن پيارن جو جن مون ڏي ڪتاب سوکڙي ڪري موڪليا مان انهن ڪتابن تي تبصرا لکي سگهيس. جيڪي اڄ ڪتاب "جڏهن خيال جاڳن ٿا" جي صورت ۾ اوهان اڳيان پيش آهن. تنهن ڪانسواءِ مان پنهنجي پياري محترم علي عاجز شر جو دل سان ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي ڪتاب جو مهاڳ لکيو, مان خاص ٿورائتو آهيان پنهنجي پياري قبلا سائين محمد منل جسڪاڻي جو جنهن منهنجي ڪتاب تي پنهنجو رايو لکيو. انهي ڪانپوءِ ادي ارشاد سومرو جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي ڪتاب تي رايو لکي ڏنو. منهنجي لفظن کي جوڙي ڪري اڄ ڪتابي صورت ۾ اوهان اڳيان پيش جنهن ڪيو آهي اُهو منهنجو پيارو يوسف جميل لغاري آهي جيڪو مون کي

مختلف وقتن تي اتساهه ڏيندو رهيو تون پنهنجو ڪتاب سنڌ سلامت تي رکرائي، اڄ اُهو ڪتاب اوهان سڄڻن اڳيان پياري محمد سليمان وساڻ جي مهربانين محبتن سان سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام تي موجود آهي. هن ڪتاب کي پڙهي پنهنجي قيمتي راءِ ڏيندا اوهان جي محبتن جو مشڪور اوهان جو پنهنجو اظهر امر.

**اظهر امر**
**ٽنڊو الهيار سنڌ پاڪستان**
**03103730010**

# لاڙ پٽيءَ جو لاکيڻو ڪهاڻيڪار

لاڙ پٽي ۾ ڪئين نالي وارا شاعر ۽ ڪهاڻيڪار ٿي گذريا آهن هر ڪنهن پنهنجي دور ۾ سنڌي ادب لاءِ پاڻ پتوڙي ڪم ڪيو. هر ڪنهن پنهنجو نور نچوئي قلم سان ڌرتي جي سورن دردن کي پروڙي لکيو آهي، اهڙن ذات ڏٽين ۾ منهنجي سنڌ جو بهترين ڪهاڻيڪار لاڙ پٽي جي خوبصورت علائقي جاتي ۾ رهندڙ، جتي نمن جي ڇائو ماکي ۽ مکڻ جي مکڻ جون ڳالهيون ٿيندون آهن، جتي گلاب جي گلن جي خوشبو سان سڄو ماحول واسجي وڃي ٿو.
اهڙن ئي پٽن سان تعلق رکندڙ منهنجو پيارو دوست ۽ خوبصورت ڪهاڻيڪار عبدالسلام ٿهيم به هڪ آهي سلام ٿهيم جون ڪهاڻيون هزار داستان ڪاوش گيلري فيس بڪ جي عوامي اوطاق تان پڙهندو رهيس، ٻي ڳالهه جيڪا آئون عبدالسلام کي پهرين به چئي چُڪو آهيان هاڻي به چوندس ته تنهنجو نالو عبدالسلام هجڻ ڪان بهتر هو ته سلام ٿهيم هجي ها، الئي ڇو مونکي سلام ٿهيم چوڻ پلو ۽ سولو لڳندو آهي.
عبدالسلام ٿهيم هڪ سُٺو ڪهاڻيڪار آهي, هاڻي ڏنو وڃي ٿو ته هڪ پاسي ڪهاڻي مختصر ٿيندي وڃي ته وري ٻي پاسي ڪافي ڪهاڻيڪار ڪهاڻي لکڻ کان لنوائيندي به نظر اچن ٿا، شايد ادبي دنيا ۾ ٻولي جي پيٽ ۾ ليکڪ پروفيشنل ڪالمن کي وڌيڪ ترجيح ڏيڻ لڳا آهن. پر اتي سنڌي نوجوان پنهنجي حصي جو ڪم ڪندي نظر اچي پيو.
هن وقت جيڪو دور هلي پيو تنهن ۾ ڪتاب پڙهڻ جو رُجحان تمام گهٽ آهي اڪثر نوجوان موبائيل فون ۾ وقت ذيان ڪن ٿا جنهن مان ڪو به فائدو ناهي ٿيندو اڪثر ڏٺو پيو وڃي ڪجھ وقت ڪان پوءِ ادبي ڪتاب اڻ لپ ٿي ويندا اڪثر شاعر / ليکڪ پنهنجو ڪتاب ڇپرائي ٿو ته هن سان هيڪر ته وڏي جُٺ ٿئي ٿي پوءِ جڏهن هن جو ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي ٿو ڪير به خريد ڪرڻ جي تڪليف نٿو ڪري اڪثر مون جهڙا اُن تاڻ ۾ هوندا آهن متان ڪتاب تحفي ۾ موڪلي.تحفو ڏيڻ سٺي ڳالهه آهي مگر توهان هن ڪتاب کي پڙهو ٻين کي پڙهڻ لاءِ اگهائي ڏيو ٻين دوستن کي چئو ته هو به ادبي ڪتابن سان لڳاءُ رکن، مان ڪٿي جو ڪٿي هليو ويس.
عبدالسلام ٿهيم جو ڪتاب "گلن سان تعزيت" مان سمجهان ٿو ته سلام کي ڪو دلي ڏک لڳو هو جنهن هيترا سارا احساس دل ۾ پيدا ڪيا جو سلام لکڻ تي مجبور ٿيو ۽ منهنجي اکين مان نور ۽ جسم مان رت چوسي ڏينهن رات هڪ ڪري ڪجھ لکيو آهي. مون ڪڏهن ڪڏهن اُهو اندازو لڳايو آهي سنڌي جديد ڪهاڻي جو دور ختم ٿيندو ٿو وڃي پر جڏهن ڪنهن ڪهاڻيڪار جو ڪتاب ڇپجندو آهي دل کي آٿت ملندي آهي دل کي سڪون ملندو آهي اجان پيا آهن اهڙا ماڻهو جيڪي سنڌي جديد ڪهاڻي تي ڪم

ڪري رهيا آهن سلام جو هڪ ڪهاڻي جو ڪتاب اوسيئڙي ۾ جڙيل آس پهرين ڀ شايع ٿيل آهي "گلن سان تعزيت"سلام جو ٻيو ڪتاب آهي سلام ٻاراڻي ادب تہ بہ تمام گھڻو ڪم ڪيو آهي، ٻارن لاءِ بہ تمام گھڻيون ٻاراڻيون ڪهاڻيون لکيون آهن سلام سان اسان جون نيڪ خواهشون گڏ آهن، ساڻ گڏ دوستن کي چوندس تہ هو ضرور سلام جون ڪهاڻيون پڙهن.

# بيخود بلوچ جي ڪتاب اعتراض تي هڪ نظر

هوئين ادبي ڪيتر ۾ هلندي ڪوڙ ڪتاب پڙهي رهيو آهيان، پر جڏهن ڪتاب اعتراض پڙهيم تي جسم مان سيوڪاريون نڪري ويون بيخود جي ڪتاب جو نالو اعتراض به حيرت انگيز آهي. سندس ذهن ۾ اُهو خيال ڪئين پيدا ٿيو تي هو ڪتاب جو نالو ئي اعتراض رکي، سندس شاعري جو هي پنجون ڪتاب آهي پر مون سندس هي پهريون ڪتاب پڙهيو آهي سندس شاعري باه جي شولن جيان آهي، جيڪو به پڙهندڙ هن ڪتاب کي پڙهندو تڏهن هن کي دلي طور سيڪ ضرور ايندو. بيخود جو هي ڪتاب رڳو غزل تي اڌاريل آهي، غزل مهاجر صنف هوندي به هاڻ الائي ڇو هاڻ پنهنجي لڳي ٿي جيتوڻڪ ياد رهي غزل صنف اسان جي ناهي هي صنف ٻاهران آيل آهي. پر هي صنف هتي ڪافي استعمال ٿيڻ ڪري هاڻ آباڻي صنف لڳي ٿي.

انهي سان گڏو گڏ غزل ۾ ڪافي چينجگ پڻ آئي آهي، غزل جي معني محبوب سان ڳالهيون ڪرڻ آهي هن وقت ڪافي غزل مزحمتي غزل به سرجهي چُڪا آهن، جنهن ڪي نظر ۾ رکندي اُهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تي غزل هاڻ اباڻي صفت تي چُڪي آهي. يا منهنجو آئڊيو غلط آهي تڏهن به صحيح انهي ڳاله تي ڪو مطفق ناهي تڏهن به صحيح اوهان کي اگر بيخود بابت تعارف نہ ڪرائندس سنو ڪون لڳو انهي ڪري بيخود بابت اوهان کي ضرور ٻُڌائندو هلان انهي کان پوءِ ئي سندس شاعري تي ڳالهيون ٿا.

بيخود جو تعلق گهوٽڪي ضلعي جي شهر پني عاقل سان آهي. سندس جنم 1971ع ۾ ٿيو. هن شاعري لکڻ جي شروعات 1988ع ۾ ڪئي سندس شاعري فني فڪري حوالي سان پڪي ۽ بختي آهي، هو مون جهڙن سيڪڙاٽ شاعرن جيان پنهنجون چند سٽون سوشل ميڊيا تي اپلوڊ ڪري واه واه واري راءِ کان به مسلسل پري رهيو آهي سندس غزل جي پنجين ڪتاب اچڻ کان پوءِ ئي منهنجي سڃاڻپ سوشل ميڊيا تان ٿي پر مون اڪثر نوجوانن کي سوشل ميڊيا کي ئي سڃاڻپ جو ذريعو ٿيو آهي.

پر بيخود جي پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ آهي هن پنهنجو پهريون ڪتاب 1995ع ۾ سرجهائي تيار ڪيو جڏهن منهنجي عمر صرف سال ڏيڍ ڪن هئي نہ موبائيلون هيون نہ نيٽ نہ وري ڪو بهتر نظام هيو انهي دور ۾ به هُن جي ڪتاب مجتا ماڻي ۽ ڪتاب مارڪيٽ مان ڪپي ويو انهي کان پوءِ هن پنهنجو ٻيو ڪتاب ساڳين سال ۾ ڇپرايو جيڪو "ٻوليون ٻوليون ٻارن جون" هيو جنهن پڻ سنڌي ادب ۾ پنهنجو هڪ مقام جوڙيو انهي کان پوءِ هو مسلسل خاموشي اختيار ڪري وهي رهيو جنهن جا ڪوڙ سبب هئا جيڪو شاعر پنهنجي شاعري توڙي احساسن ۾ ٻُڌائي رهيو آهي اُهو ياد رهي هر ماڻهو کي پنهنجا خفا ۽ پنهنجا ڪم ڪار هوندا آهن. جنهن ڪري هو ڪن شين کي وقت ناهي ڏئي سگهندو.

اول ڳالهه ڪجي اعتراض جي بيخود ڪي ڪنهن سان اعتراض هيو هن پنهنجي ڪتاب جو ٽائيٽل ئي اعتراض رکي ڇڏيو انهي ساڳو موعوض تي سندس غزل پڻ آهي جيڪو هي آهي.

**مون ڪيو ناهي جفا تي اعتراض،**
**هُن ڪي آ مُنهنجي وفا تي اعتراض.**

هل ڙي سندس هي غزل منهنجي دل مٿان اٽيڪ ڪري رهيو آهي، خبر ناهي اُهو ڪهڙو بدبخت هيو جيڪو بيخود جهڙي دلربا شخص سان بہ ۽ هن جي وفا تي بہ اعتراض ڪندو رهيو ۽ هو نازڪ دل ماڻهو سامهون پنهنجي من مستي ڪندو رهيو. ۽ بيخود سندس هر عمل کي ڏسندو ۽ غزل سرجهائندو رهيو.

**مون مخالف کي چيو زنده هُجين،**
**هُن ڪيو مُنهنجي دُعا تي اعتراض.**

بيخود پوءِ بہ سندس لاءِ دعا جا هٿ بلند ڪيا پر هو سندس دعائن تي بہ اعتراض ڪري بيخود کي دعائون روڪڻ جون صلاحون ڏئي رهيو آهي. پوءِ تڏهن بيخود باهہ ۾ پچڻ لاءِ تيار ٿي رهيو آهي.تڏهن بيخود لڇي ٿو بس زبان سان ڪُڇي نٿو سندس سرجهايل شاعري سندس من اندر جي ترجماني ڪري رهي آهي پر بيخود تڏهن تي چوي پيو تہ:

**اسان جي رات جو گُذرڻ ڏسي ڪوئي،**
**لڪڻ سوچڻ لُڇڻ ڦٿڪڻ ڏسي ڪوئي.**

ڪمال ڪري ڇڏيو آهي پياري بيخود ڪيڏي نہ پياري شاعري آذاري آهي. حقيقت ۾ بيخود جي شاعري پڙهي مان پاڻ لڇڻ ڦٿڪڻ لڳو آهيان. انهي سوچ ويچار ۾ گم ٿيڻ لڳو آهيان تي آخر بيخود جو لڇڻ ڦٿڪڻ سوچڻ مون وانگيان تي ناهي يا هن جا درد ڏُک اعتراِض مون وارا ساڳيان تي ناهن.سندس شاعري سندس شخصيت تي جيترو لکبو اوترو گهٽ هوندو برحال مون سندس شاعري تي جيڪو بہ لکيو آهي اُهو سندس شاعري جي مطالعي کان پوءِ ئي لکي سگهيو آهيان منهنجي ساڻس روبرو ڪا ملاقات ناهي نہ وري ڪڏهن ڪال تي ڪا ڳالهه ٻول ٿي آهي.

بيخود جي هن ڪتاب کي مون جهڙن سيڪڙات شاعرن کي پڙهڻ گهرجي بيخود سندس شاعري جو ڪتاب مون ناچيز ڏي سوڪڙي طور پني عاقل کان موڪليو جنهن تي چند لفظ لکڻ منهنجو فرض هيو جيڪو آئون لکي رهيو آهيان. بيخود بلوچ سندس ڪتاب

جي ارپنا غزل جي انهن باڪمال تخليقڪارن ۾ سرجڻهارن کي ڪئي آهي، جن هر وقت هن دلربا صنف ۾ ڪئي دلڪش رنگ پريا آهن هن کي ڪئي رنگن سان سجايو آهي جيڪو ڏسڻ ۾ هر هر پڙهڻ وٽان آهي. بيخود جي ڪتاب اعتراض تي مهاڳ ناميواري شاعر منهنجي محترم سائين آسي زميني لکيو آهي، سائين آسي زميني بيخود جي شاعر پڙهڻ ڪان پوءِ سندس هڪ غزل پڻ ارپيو آهي جيڪو هن ڪتاب ۾ سائين جي لکيل مهاڳ سان گڏ آهي. پبليشر نوٽ مرتضي لغاري لکيو آهي جيڪو مرڪ پبليڪيشن جو سرواڻ آهي. بيخود تي ڪتاب تي تاثرات ناميواري ادب صفر ڪلهوڙي لکيو آهي جن ڪتاب جي بيڪ پيج تي پنهنجي راءِ لکي انهن ۾ غزل جي وڏي نانءَ سائين اياز گل، تاجل بيوس، اختر درگاهي، شمشير الحيدري، فرزانہ شاهين لکيا آهن. هي ڪتاب مُرڪ پبليڪيشن طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو آهي. جيڪو هر نوجوان کي پڙهڻ گهرجي. مان وري بہ دعاڳو رهندس بيخود جي ٻين ڪتاب جيان هي ڪتاب بہ پنهنجي جاءِ جوڙي ادبي هلڪن ۾ پنهنجو هڪ الڳ مقام جوڙي.

# ڪتاب "تون ئي تون" جو سرجڻهار بخاري افضل

منهنجي سنڌ جو خوبصورت ۽ پيارو لڪيڪ سنڌي ادب ڪي شاعري جو مجموعو ڏيندڙ منهنجي سنڌ جو پيارو شاعر بخاري افضل جنهن جو تعلق "ڪجين" واري ضلعي خيرپور ميرس جي پياري ۽ دلڪش ڳوٺ اگڙا سان آهي منهنجو هن سان واسطو فيس بڪ تان ٿيو جيڪو گهرائپ ۾ هليو ويو. بخاري افضل سندس شاعري جو ڪتاب جڏهن مون ڏانهن تحفو ڪري موڪليو تڏهن ڪان مان ڪيس سندس شاعري جو مطالعو ڪرڻ لڳس. بخاري افضل جي پهرين ڪتان "تون ئي تون" ۾ هن ڪمال جي شاعري سرجهائي آهي بخاري افضل پنهنجي شاعري ۾ سنڌ,سونهن, پيار ۽ پريت جو خوبصورت نموني سان ذڪر ڪيو آهي هن اُهو تخليقون ڪهڙي ڪيفيت ۾ سرجهايون آهن اُهو هڪ شاعر بيو پڙهندڙ ئي ڄاڻي سگهي ٿوهن جي شاعري ۾ پيار محبت امن پائيچاري جهڙي خوبصورت احساسن سان سرجهايل آهي. بخاري افضل جو ڪتاب "تون ئي تون" جڏهن اسان جي هٿن جي سونهن بڻيو تڏهن مون بخاري افضل جي غزلن ڪي پاڙي جيان پيئڻ شروع ڪيو تڏهن سندس ئي غزل جو ڪجهه هي سٽون منهنجي دل ڪي چير ڏئي ويونجيڪي اوهان سامهون رکجن ٿيون. هتي افضل چنڊ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو.

**تون سهڻو سڀ ڪان اهو سچ آهي مگر،**
**سهڻو توڪان منهنجو يار، اي چنڊ لهي وڃ.**

**توڪي ڏسڻ سان اچي ٿو ياد پرين پنهنجو،**
**۽ دل به ٿئي ٿي بيقرار، اي چنڊ لهي وڃ.**

سنڌ جي هر شاعر جي شاعري اندلٺ جي رنگن جيان هوندي آهي، مختلف رنگ، مختلف خيال، مختلف موضوع ۽ ڪوڙ سارا خواب ۽ وري ڪجهه ساپيائون به.... اهي سڀ رنگ تخليقن ۾ موجود هوندا آهن هر شاعر اُها ڪوشش ڪندو آهي هن جي تخليق اندلٺ جي رنگ جيان رنگين ٿي سڄي سنڌ ڪي رنگين ڪري,
ٻئي جاء بخاري افضل چوي ٿو ته;

**جهڙ ڦڙ رنگ لاتو آهي**
**ڪنهن ته سارنگ ڳاتو آهي.**

**سندس هڪ ٻئي غزل جون هي سُٽون بہ لاجواب آهن;**

**ٽيڙو هو پيار تي ويو**
**اجنبي ڪو يار ٿي ويو**

**مون تہ رُڳو توڏي ڏٺو پئي**
**اکڙين منجھ خمار ٿي ويو**

بخاري افضل پنهنجي شاعري ۾ هر موضوع تي ڳالهيو آهي جيڪي هن جي شاعري ۾ اندلٺ جي رنگن جيان چمڪي بخاري افضل جي محنت ۾ رنگ ڀريو آهي. ڪتاب "تون ئي تون" جو مهاڳ سندس ئي ڳوٺ جي خادم عباسي ۽ تاثرات حسين تبسم بيڪ ٽائٽل زبير سومري لکيو آهي. هن مجموعو ۾ بخاري افضل جي غزل وايون نظم شامل آهن. هي مجموعو 176 صفحن تي مشتمل آهي هي ڪتاب سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپايو ويو آهي.

# منل جسڪاڻي جي سفرنامي ”سفر بخير“ تي هڪ نظر

سنڌي ٻولي ۾ گهڻي ڀاڱي سفرناما لکڻ جو اعزاز ته الطاف شيخ کي مليو آهي. ڇو ته الطاف شيخ پنهنجي زندگي جو گھڻو حصو دنيا جي مختلف ملڪن ۾ گذاريو آهي. پر هتي جنهن شخص جي سفرنامي بابت لکي رهيو آهيان ان جي سفرنامي کي جڏهن مون پڙهيو تڏهن پتو پيو اُهو سفر نامو هن لکيو يا هن کان لکجي ويو.
اهو زرعي يونيورسٽي جي پلانٽ پيٿالاجي شعبي جو پروفيسر محمد منل جسڪاڻي آهي، جنهن پنهنجي قلم جي نچوڙ سان ڪتاب ”سفر بخير“ لکي، سنڌي ادب ۾ هڪ ڪتاب جو واڌرو ڪيو، بلڪه هن طئي ڪيل سفر بابت ۽ هُتي جي پسمنظر کي به پنهنجي ڪتاب ”سفر بخير“ ۾ سهڻي نموني سان پيش ڪيو آهي.
محمد منل جسڪاڻي منهنجو استاد به آهي، هن مون کي وڏي چاهه سان پڙهايو. اجا وڏي ڳالهه هي آهي، ته سائين کي سڄي يونيورسٽي پيار مان منل جسڪاڻي ئي سڏيندي آهي. ان منل جسڪاڻي کي مان اڳ کونه سڃاڻيندو هئس. آئون جڏهن زرعي يونيورسٽي ۾ پڙهڻ لاء آيس، ته ڪجهه ڏينهن کان پوءِ منهنجو سنڌس آفيس، ڪنهن ڪم سان وڃڻ ٿيو، سنڌس آفيس ٻاهران لڳل بورڊ تان نالي جي خبر پئي، ته هي آهي منل جسڪاڻي جي آفيس، هن پروفيسر جو سڄو نالو محمد منل جسڪاڻي آهي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ خبر پئي، اُهو منل جسڪاڻي اديب پڻ آهي، سندس ڪالم روز اخبارن ۾ ڇپبا آهن. آئون ساڻس ملي ڪري فخر محسوس ڪندو هئس. هي تمام پيارو ماڻهو آهي، وقت سر سائين سان ملاقاتون ٿينديون رهيون، سائين جڏهن آخري سال وارن جي بينچ سان گڏجي، آل پاڪستان اسٽڊي ٽوئر لاءِ ٽنڊو ڄام يونيورسٽي کان لاهور، ڪوهه مري، اسلام آباد لاءِ جئين روانو ٿيو، تئين ئي منل جسڪاڻي جي سامهون ايندڙ هر شي، ”سفر بخير“ سفرنامي جو حصو بڻبي رهي.
منل جسڪاڻي سان گڏ اسان جي شعبي جو تمام پلوڙ ۽ ذهين، منهنجو محبوب استاد پروفيسر سائين محمد ابراهيم خاصخيلي صاحب، سائين جي هن سفر ۾ سائين سان گڏ رهيو. سي پي تي فيلڪٽي جي آخري سال جا ستر شاگرد اُنهي سفر جو حصو هئا.
سائين منل جسڪاڻي پنهنجي زندگي جي انهي سفر ۾ ڪوڙ ساريون اهڙيون دلچسپ ڳالهيون پنهنجي سفر نامي ۾ شامل ڪيون آهن. سائين پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو ته ”لاهور کي لتاڙڻ لاءِ مون وسان نه گهٽايو“ مان اُهو خوب ڄاڻان ٿو ته سائين منل گهمڻ جو تمام گهڻو شوقين آهي، ڪيس جڏهن به موقعو ملندو آهي، ته ڪنهن نه ڪنهن پاسي نڪري ويندو آهي.
ڪوهه مري، ڪشمير ۽ ايوبيا جو احوال به سهڻي نموني پيش ڪيو آهي، ڪوهه مري بابت سائين منل ذوالفقار علي ڀٽو بابت جيڪو لکيو آهي، اُهو حيران ڪُن آهي. جنهن ۾ سائين لکي ٿو ته ”آئون ننڍو هئس، هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هئس. شايد 1974-75ع جو

سال هو. اهو ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت جو زمانو هو. هر ڪنهن وات ڀٽو هوندو هو. ان زماني ۾، هڪ ڏينهن، منهنجي خيال ۾ ڪنهن سنڌي اخبار جي سرخي هئي: ”ڀٽو مري ويو“! ان سرخي گهڻ پڙهيل ۽ گهڻ گهميل ماڻهن کي حيران، ۽ ذوالفقار ڀٽو سان محبت ڪندڙن کي روئڻهارڪو ڪري ڇڏيو هو! چو ته خبر جو مطلب هو: ” ذوالفقار علي ڀٽو کوهه مري ويو“، گهڻن ماڻهن کي خبر نه هئي ته کوهه مريءَ کي صرف مري به چون ٿا، ۽ مري ملڪ جو سهڻو ۽ ٿڌو علائقو آهي. ان زماني ۾ شايد مون کي به ان خبر عيوض ئي خبر پئي هئي، ته مري به ڪو علائقو آهي. سائين منل اڳيان وري راولپنڊي ۾ ترسيل راتين ۽ گهمڻ بابت به خوب احوال ڏنو آهي. سائين راولپنڊي ۾ ڪنهن هوٽل تي ترسي ٿو، انهي هوٽل مان گهمڻ وري اسلام آباد ٿو وڃي. چو ته اسلام آباد ۽ راولپنڊي ٻئي گڏ آهن، جنهن جي وچ ۾ ايترو مفاصلو ڪونهي. لاهور جو لڪشمي چوڪ، دال پت ۽ ڪشمري چانهن. سائين منل پنهنجو پاڻ اعتراف ڪري پيو ته آئون ”دال پت“ جو شوقين آهيان.

سائين جڏهن لاهور لاءِ روانو ٿي رهيو هو، تڏهن ڪيس دل ۾ اُهو خيال آيو، ته لاهور ۾ جو ڪٿي دال پت جي طلب ٿئي، اهو ڪٿان ايندو، ڪٿان وٺي کاوان؟ ايتري ۾ سائين ٿنڌي ڄام مان نڪرڻ کان اڳ ئي سائين حيات علي شاهه کي فون ڪري لاهور جي دال پت بابت پڇا ڪيائين.! سائين دال پت بابت پُڇا ڪري پڪ ڪئي، هڪ ڏينهن صبح جو گهمڻ سانگي لاهور جي مختلف ماڳن جو رُخ ڪيو. ماڳن تان گهمندي گهمندي سائين وارن کي شام ٿي وئي، هتان واپس جيئن ڪوسٽر ۾ سوار ٿي واپس موٽڻ لڳا، سائين منل ڪوسٽر واري کي دال پت کائڻ لاءِ اڳئي چئي ڇڏيو. استاد لڪشمي چوڪ تي جيڪو دال پت وارو آهي نه، اُهو اگر پنهنجي رستي ۾ هجي، ته بريڪ ڪجو. آخر اتي بيٺا، دال پت کاڌائون، اُهو دال پت اگر ڪنهن کي نه وڻي ها، اُهو ماڻهو سائين منل جي ڳچي ۾ پئجي وڃي ها.

ڪوسٽر ڊرائيور سائين کي چيو سائين اڳيان اجان ڪشمري چانهن وارو به آهي، اگر دل ڪري، هتي چانهه جو چسڪو وٺجي. سائين چيو ڀلي چانهن جو چسڪو وٺجي. ڪوسٽر وارو اچي انهي هوٽل تي بريڪ ڪئي. سيني چانهن جو چسڪو ڪيو، جنهن جنهن به ڪشميري چانهن پيتي، اُهي سڀ واهه واهه ڪرڻ لڳا.

اوچي جبل هيٺ گهمڻ جي خوبصورت جڳهه ”ڪيُوڙا لوڻ کاڻ“، منهنجي لاءِ به اُهو ڪو نئون ماڳ آهي، چو ته مون ڪڏهن ان بابت نه ٻُڌو آهي، نه وري ڪٿي پڙهيو آهي. شايد ڪٿي ڪن ڪتابن ۾ هجي به سهي، پر مون بلاشڪ ناهي پڙهيو. اُهو ماڳ مون سائين منل جسڪاڻي جي ڪتاب ”سفر بخير“ مان ئي پڙهيو. جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ خبر پئي ته سائين منل به هتي پهرئين چڪر ويو. ان بابت سائين لکي ٿو ته ”اوهان جڏهن به موٽر وي سان لاهور کان راولپنڊي، اسلام آباد طرف روانا ٿيو، ته لاهور کان 248 ڪلوميٽر فاصلي تي ڪيُوڙا لُوڻ کاڻ واقعي آهي. سائين لکي ٿو ته سونهن، حُسن جا

فطري منظر آهن، دلڪش موسم، اُونهاري ۾ ٿڌ، سياري ۾ مناسب گرمي هوندي آهي، جيڪو به شوقين آهي، اُهو اها ڪاڻ ضرور گهمي.
”ڪونهي ڪو سيءُ ڪوهه مري ۾!“ حقيقت ۾ ڪوهه مري ۾ سيءَ صرف انهن لاءِ هوندو آهي، جيڪي گهمڻ لاءِ آيا هوندا آهن، باقي هتي جي مقامي ماڻهن کي سيءُ ناهي لڳندو، جڏهن برسات پوندي آهي ته هو خوش ٿيندا آهن. سائين منل پنهنجي سفر نامي ۾ لکي ٿو ته ڪوهه مري ۾ سيءَ ته پنهنجي جاءِ تي آهي، ڪوهه مري اُونهاري جي موسم ۾ به تمام گهڻو ٿڌو هوندو آهي، سنڌ جا اڪثر ماڻهو گرمي جي مند ۾ ڪوهه مري وڃو نڪرن. اُهو صرف سنڌ ۾ گرمي جي شدت ڪري، اُونهاري جي موسم، جيڪو سيءَ هوندو آهي، اُهو هتي جي مقامي ماڻهن جي لاءِ خير، باقي مون جهڙي نئين ويندڙ ماڻهو لاءِ اُهو سيءُ به برداشت جوڳو ناهي هوندو.
”مريءَ ۾ مچ ڪچهري!“ منل جسڪاڻي پنهنجي ڪتاب ”سفر بخير“ ۾ ڪوهه مريءَ جي حسين منظر کي پنهنجي سفر جو حصو بڻايو آهي. منل جسڪاڻي موجب ڪوهه مري جي اُوچائي جي سطح ڪجهه هن ريت آهي. ”سنڌ جي دل حيدرآباد کان مري، يعني ڪوهه مري، اتر طرف 1352 ڪلوميٽر جي فاصلي تي، صوبي پنجاب ۾، ملڪ جي گاديءَ واري هنڌ اسلام آباد ۽ راولپنڊي کان 50 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي ۽ سامونڊي سطح کان 2291 ميٽر، يعني 7517 فوٽن جي اوچائيءَ تي واقع آهي. روڊ رستي آرام سان وڃڻ لاءِ، رستي ۾ ٽي راتيون لڳي وينديون، نه ته بنا بريڪ گاڏي به 24 ڪلاڪن ۾ مشڪل سان پهچائيندي آهي.“
اڳتي سائين منل جسڪاڻي وري ڪوهه مري ۾ ڪيل مچ ڪچهري بابت به احوال ڏيندو هلي. هنن ڪوهه مري ۾ به مچ ڪچهري ڪئي،
ڪهڙي ريت ڪئي؟
اُهو هن ”سفر بخير“ ڪتاب ۾، سهڻي نموني بيان ڪيو آهي. سائين لکي ٿو ”مريءَ ۾ گُهمندڙ اسان هونئن ته گهڻا هئاسين، پر جتي ۽ جنهن مهل مريءَ ۾ مچ ڪچهري ٿي، ان وقت اتي اسان ڪي ويهه پنجويهه گڏ هئاسين. مچ ڪچهري اهڙي مچي، جيڪا ڪو عرصو ياد رهندي. ان ڪچهريءَ ۾ ڪم جون ڳالهيون به هيون، ڪل پوڳ به ضرور هئي، پر روايتي مچ ڪچهريءَ وانگر ڏور، بيت، ڳجهارتون، ڪلام نه هو! چو نه هو؟ شايد ان ڪري، ته بنا رٿابنديءَ جي، اها مچ ڪچهريءَ اوچتي مچي پئي هئي، تنهن ڪري، نه ته اسان ۾ ڪي اهڙا به هئا، جيڪي هن ڪچهري کي اصلي رنگ ڏئي پئي سگهيا.“
سائين منل ادبي ماڻهو آهي. ڪيس ڪچهري ۾ ڏور بيت ياد نه هئا، نه ته ڪچهري ۾ واهه واهه ٿي وڃي ها. آئون شروعات ۾ به لکي آيو آهيان، ته سائين گهمڻ ڦرڻ ۽ ڪچهري جو شوقين آهي. بس سائين منل کي موقعن جي تلاش هوندي آهي. بس جتي موقعو مليو، اُتي هو جمالو ٿي ويندي آهي.

”ڏُوميل, جتي ٻہ دريا ۽ دل وارا ملن ٿا...“حقيقت بيان ڪندو هلان مون لاءِ ڏُوميل لفظ نئون آهي. ٻہ دريا شايد ملندا ٻہ هجن، باقي دل وارا ملن ٿا الئہ نہ، اُها پاڻ ڪي ڄاڻ ناهي. سائين منل پنهنجي سفر نامي ”سفر بخير“ ۾ دوميل جو ذڪر بہ تمام سهڻن لفظن ۾ ڪيو آهي. سائين لکي ٿو تہ ”مريءَ کان اڳتي، 81 ڪلوميٽر جي فاصلي تي، دوميل آهي، جيڪو مظفر آباد کان صرف 03 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. مونکي دوميل ڪشمير مظفر آباد وچڻ جو انمول موقعو مليو، وجي ڪشمير جا اُهي پس منظر ڏٺا، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن فلمن ۾ ڏسندا هئاسين“. اُهو بلا شڪ چئي سگهجي ٿو تہ ڪشمير پاڪستان جو خوبصورت خطو آهي. سائين لکي ٿو تہ ”دوميل ڏانهن ويندي ۽ اُتان ايندي، رستن جي ٻنهي پاسن کان خوبصورت ۽ خطرناڪ منظر آهن. اتي جبل جي اُوچائي تي نهيل گهر بہ حيران ڪندڙ آهن، دل هجي، باقي دل وارا هُتي ضرور ملندا آهن.“

اڳتي سائين پنهنجي ڪتاب ۾ ڪشمير بابت احوال ڏيندو هلي. سائين چوي ٿو تہ ”ڪشمير جي مظفرآباد لڳ دوميل اهو ماڳ آهي، جتي دلين وارا تہ ملندا ئي ملندا آهن، پر هتي ٻہ دريا ملي هڪ ٿي ويندا آهن! هڪ طرف کان رَتائين ميٺوڙي رنگ واري پاڻيءَ جي وهڪري سان وهندڙ ريشم دريا، ۽ ٻئي پاسي کان عام لُڙ پاڻيءَ وانگر وهندڙ نيلم دريا اچي، جتي ملندا آهن، ٻن دريائن ۽ دل وارن جي ملڻ واري ان هنڌ ڪي، ”ڏُومِيل“ چيو ويندو آهي. دوميل هاڻ شهر آهي، سندس آسپاس ۾ جيئن ڪشمير، ڪشمير جي ضلع مظفرآباد جا خوبصورت منظر آهن، تيئن ڏُومِيل جي آسپاس ۾ پڻ دلڪش منظر ڏسڻ وٽان آهن.“

سائين پنهنجي ڪتاب ۾ مون جهڙن لاءِ ڪافي ساري آساني ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ڪشمير وڃڻ ٿئي، انهي کان اڳ سائين منل جسڪاٽي جو اُهو سفرنامو يا پڙهجي يا گڏ ڪٽي وڃجي، تہ جئين اُهي ماڳ ڳولهي ۽ انهن ڪي دل سان گهمي سگهجي.

”اُڏام ڪٽولي...! “مون لاء نئون لفظ آهي، اُهو لفظ اُڏام ڪٽولي مون نہ ڪٿي پڙهيو آهي، نہ وري هنن ڪنن سان ٻُڌو آهي. اُها اُڏام ڪٽولي آهي ڇا؟ اُهو ”سفر بخير“ ڪتاب ۾ سائين منل واضح ڪري لکيو آهي ”ننڍپڻ ۾ گهڻو ڪري وڏڙين، ڪڏهن ڪڏهن وڏڙن جي واتان يا وري لوڪ آکاڻيون ۽ ٻاراڻيون لکڻيون پڙهندي، ”اڏام ڪٽولي“ اوهان بہ ٻڌي يا پڙهي هوندي... خيبر پختون خواهہ صوبي ۾، گهمڻ ڦرڻ جي ماڳ ايوبيا ۾، ”لفٽ چيئر يا چيئر لفٽ“ اوهان بہ ٻڌي ۽ فلمن ۾ ڏٺي هوندي“. اُهو اُڏام ڪٽولي بابت مون جڏهن سائين جي ڪتاب ۾ پڙهيو ٿورو کل بہ ٿي، اُنهي جو اصلي نالو اڏام ڪٽولي چو رکيو ويو. بهرحال انهي اُڏام ڪٽولي ۾ آئون بہ سوار ٿيو آهيان. ڪافي منظر ڏسڻ وٽان ملندا آهن. اُها اُڏام ڪٽولي ڪوهہ مري ۽ ايوبيا پوائنٽ تي واقعي آهي، جتان ماڻهو چئير لفٽ تي سوار ٿي، اجان مٿي ،اُوچائي تي ويندا آهن. مون جهڙا نرم دل اڪثر سوچي سمجهي چڙهندا آهن. چو جو اُها اُڏام ڪٽولي تمام خطرناڪ آهي، نرم دل وارن لاءِ، مگر نرم دل وارن کي منهنجو عرض آهي، اُهي ان ۾ سوار ضرور ٿين.

”صدين جو سفر ڪلاڪن ۾: پاڪستان جي فطري سونهن ۽ تاريخ...“ پڙهڻ سان اها به خبر پئي ته ”سنڌ جو سير ڪلاڪ ۾“ ڪئين ڪبو؟ اُنهي سير ڪرڻ جو مان به شوقين آهيان. مگر رب پاڪ ڪڏهن موقعو ڏي ته اتر، لاڙ، ڪاڇو، ڪوهستان، ڪڇو، وغيره سير ڪيان. سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي تر (احاطي علائقي) ۾ ”سنڌ جو سير هڪ ڪلاڪ ۾“ وارو بورڊ اوهان به پڙهيو هوندو، پر اهو ممڪن آهي به ۽ ناهي به، ته ڪو اوهان به، مون وانگر، هڪ ڪلاڪ ۾ سنڌ جو سير ڪيو، نه ڪيو هجي! سائين پنهنجي سفرنامي ۾ صدين جو سفر ڪلاڪ ۾ ”پاڪستان جي فطري سونهن ۽ تاريخ“ بابت قائم ميوزيم جو وزٽ ڪري، انهن تي جيڪي ڪجھ لکيو آهي. اُهو پڙهڻ ۽ سمجهڻ وٽان آهي.

پاڪستان جي اتر کان ڏکڻ ۽ اوير کان اولھ جي جاگرافيائي ۽ فطري سونهن ۽ صدين تي مبني تاريخ، چند ڪلاڪن ۾ پنهنجي اکين سان ڏسي، پسي، معلوم، محسوس ڪري سگهجي ٿي. ان لاءِ اوهان کي اسلام آباد وڃي ”پاڪستان جي فطري تاريخ وارو ميوزيم ((Pakistan Museum of Natural History (PMNH)“، جيڪو پڻ پڪ سان اوهان به، نه ته ٻين ضرور ٻڌو هوندو، پر اهو ميوزيم ڏسڻ کان رهجي ويل به ڪي ٿورا نه هوندا. ڪيترن کي ته خبر به نه هوندي، ته ڪو اهڙو به ميوزيم آهي! هيءَ ميوزيم گارڊن اوينيو، شڪرپڙيان، اسلام آباد ۾، پاڪستان حڪومت جي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ واري وزارت پاران، پاڪستان سائنس فائونڊيشن جي ذيلي اداري طور، 1976ع ۾ قائم ڪيو ويو، جنهن جون چار مکيه شاخون، هر هڪ نباتاتي سائنس ڊويزن، حيواناتي سائنس ڊويزن، ڌرتي سائنس ڊويزن (Earth Sciences Division) ۽ عوامي خدمتن واري ڊويزن(Public Services Division) آهي. پهريون ٽي ڊويزن پاڪستان ۾ ٻُوٽن، جانورن ۽ معدنيات جا نمونا گڏ ڪرڻ، انهن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۽ سندن مختلف پهلوئن تي تحقيق ڪرڻ لاءِ مختص آهن، جڏهن ته چوٿين ڊويزن، ٽنهي ڊويزنن جي حاصلات کي عام ماڻهو تائين پهچائڻ جو ڪم ڪري ٿي“. پاڪستان جي فطري سونهن واري ميوزيم بابت پڙهڻ کان پوء هاڻ سنڌ حڪومت کي به اهڙو ميوزيم ٺاهڻ گهرجي. مان اڳ به لکي چڪو آهيان، ته سائين ٻوٽن جي بيمارين جو ماهر ڊاڪٽر آهي. ڪيس جڏهن به ڪنهن اهڙي جاءِ جو موقعو ملندو آهي، تڏهن هو وڏي ڪوشش سان به هتي وڃي پهچندو آهي. اين اي آر سي اسلام آباد ۾ واقعي آهي. جنهن کي گهمڻ جو موقعو سائين منل کي به مليو. سائين پنهنجي ڪتاب ۾ ”اين اي آر سيءَ جو تعليمي تربيتي دورو“ عنوان سان لکي ٿو ”اين اي آر سي يعني قومي زرعي تحقيقي سينٽر (National Agriculture Research Centre)، پي اي آر سي يعني پاڪستان زرعي تحقيقاتي ڪائونسل (Pakistan Agriculture Research Council)جو ماتحت ادارو آهي. پي اي آر سي پاڪستان جي زراعت کي درپيش مسئلن جي جاچ پڙتال ۽ حل لاءِ ڪم ڪندڙ، وفاقي حڪومت جو تمام وڏو ادارو آهي، جيڪو مختلف وفاقي ۽ صوبائي توڙي پرڏيهي ادارن جي سهڪار سان، زراعت جي مختلف پهلوئن تي ڪم ڪري رهيو آهي. پي اي آر سيءَ

جو بنياد 1948ع ۾، خوراڪ ۽ زراعت ڪاميٽي (ايف اي سي) جوڙڻ سان پيو، جنهن کي 1951ع ۾، پاڪستان جي خوراڪ ۽ زراعت واري ڪائونسل (ايف اي سي) قرار ڏنو ويو. اڳتي هلي، ان کي 1964ع ۾ زرعي تحقيقاتي ڪائونسل (اي آر سي) جو نالو ڏنو ويو. ملڪ جا زرعي مسئلا، مونجهارا ۽ انهن جي حل تي ڪم ڪندي، ايف اي سي ڪاميٽي نالا بدلائيندي، ڪم جو دائرو وڌائيندي، ترقي ڪندي. سائين لکي ٿو ته ”هتي وڃڻ لاءِ اسان سائين سيف الله ٽالپر ۽ ڊاڪٽر محمد اسحاق مستوئيءَ سان رابطو ڪيو انهن کي اسان ٻُڌايو اسان زرعي يونيورسٽي جي تعليمي دوري ۽ ال پاڪستان اسٽيڊي ٽوئر تي آيا آهيون اسان سوچون پيا اي اين آر سي ڏسڻ جو موقعو ملي اسان شاگردن کي اُهو ادارو ڏيکاريون سائين جن اچڻ جو چيو اسان 70 جي لڳ ڀڳ ماڻهو هئاسين جن وچي هن مرڪز جو دورو ڪيو جيتن، ٻوٽن جي بيمارين واري حوالي ٽيل ۽ جاري ڪم بابت ڳالهين جي ڏي وٺ ڪئي سين قومي ٻج جي چڪاس ليبارٽري ۽ ڪنيين جي هٽرادو پوک واري شعبي جو پڻ دلچسپيءَ سان معائنو ڪري، پنهنجي معلومات ۾ واڌارو ڪيو. اين اي آر سيءَ جي تعليمي ۽ هٽرادو پوک واري شعبي جو پڻ دلچسپي سان دورو ڪيو“.

”زراعت: سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر“ اُهو يقينن چئي سگهجي ٿو ته اسان جو ملڪ زرعي ملڪ آهي. جنهن ۾ علائقن جي حساب سان مختلف فصل، وڻ، ٻوٽا وغيره ٿيندا آهن. اڪثر ڪري اُهو خيال منهنجي به ذهن ۾ ايندو آهي، ته سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر، ٻيءَ دنيا جي زراعت، يا وري سنڌ ۽ پنجاب جي زراعت، سنڌ ۽ خيبر پختون خواهہ جي زراعت، سنڌ ۽ بلوچستان جي زراعت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ اُهو سوال اڳ واري زماني ۾ تمام گهڻو ڏُکيو هوندو هو، پر هن دور ۾ ڪا مشڪل ڳالهہ ناهي. اگر ماڻهو پنهنجي پاڻ سان سچو هجي، دنيا جي هر معلومات منٽن ۾ حاصل ڪري سگهي ٿو. هينئر جتي دنيا موبائل فون جي ڏهن انگن اکرن ۾ سوڙهي ٿي چُڪي آهي، اُتي انهي سوال جو جواب انهي سيل فون جي ڏهن انگن ۾ سمايل آهي. پنهنجي سيل فون مان انٽرنيٽ جي دنيا مان اُنهي سوال جو جواب آساني سان حاصل ڪري سگهو ٿا. جيتري سائين منل جي ڪتاب ”سفر بخير“ ۾ معلومات لکيل آهي، اُهو اوهان جي سامهون رکجي ٿي. يعني ”ڪن فصلن ۾ سنڌ جي پيداواري صلاحيت دنيا جي ٻين ملڪن ۽ پنهنجي ملڪ جي ٻين صوبن جي پيٽ ۾ گهڻي وڌيڪ، فخر جهڙي ۽ ساراهڻ جوڳي هوندي، ڪن فصلن ۾ سنڌ جي پيداواري صلاحيت دنيا جي ٻين ملڪن ۽ پنهنجي ملڪ جي ٻين صوبن جي برابر يا اوٽيهہ ويهہ جي نسبت سان ٿوري وڌيڪ يا ٿوري گهٽ هوندي، جڏهن ته ڪن فصلن ۾ سنڌ جي پيداواري صلاحيت دنيا جي ٻين ملڪن ۽ پنهنجي ملڪ جي ٻين صوبن جي پيٽ ۾ گهڻي گهٽ، حيرت جهڙي، پريشان ۽ پشيمان ڪرڻ جوڳي هوندي! جيئن سنڌ ۾ اهڙا ڪيترا ئي فصل، يا ڪن فصلن جون ڪي مخصوص جنسون نہ ٿيون پوکجن، تيئن دنيا جي ٻين ملڪن ۽ پنهنجي ملڪ جي ٻين صوبن ۾ پڻ اهڙا ڪيترا ئي فصل، يا ڪن فصلن جون ڪي مخصوص جنسون نہ ٿيون پوکجن،

پر اهي پاڻ وٽ ڪاميابيءَ سان پوکي، انهن مان بهتر پيداوار به حاصل ڪري سگهجي ٿي. مثال لاءِ سنڌ ۾ ڪيلي جو فصل ڪامياب، ٻين صوبن ۾، ڪيلي جا ٻوٽا ڦٽن ضرور ٿا، پر پيداوار ملڻ مشڪل، يا وري سال جي مخصوص عرصي ۾، ايتري گهٽ پيداوار ملندي، جنهن ڪري ڪيلو نه پوکڻ ئي بهتر آهي. اهڙيءَ طرح نارنگيون پنجاب ۾ ته ڪامياب آهن، پر سنڌ ۾ نه، البت گريپ فروٽ ضلع نوشهروفيروز ۾، جڏهن ته نارنگين جو پاءُ ليمون ۽ ٻيون پينر جنسون به سنڌ ۾ ٿينديون آهن، پر ليمون تمام پلو ڪنڊيارو، خانواهڻ ۽ محبت ديرو جتوئي وغيره ۾ ٿئي ٿو. اهڙي ريت خيبر پختون خواهه صوبي ۽ بلوچستان صوبي جو جيڪڏهن حوالو ڏجي، ته به اهڙا فصل ملي ويندا، جيڪي پاڻ وٽ ڪو نه ٿين، يا گهٽا گهٽ ٿين! اهو، ايترو سارو فرق آبهوا جو آهي! آبهوا جي لحاظ کان سنڌ جو ميداني علائقو، جتي آبپاشيءَ وارو پاڻي پهچي سگهي ٿو، اتي هڪڙا فصل، جتي آبپاشيءَ وارو پاڻي ميسر نه آهي، مثال طور ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان ۾ وري برسات جي پاڻيءَ تي پوکجندڙ فصل، ايتري ايراضيءَ ۾ پوکيا ويندا آهن ۽ انهن علائقن مان ايتري اُپت حاصل ڪئي ويندي آهي، جنهن مان نه صرف پنهنجي صوبي ۽ پنهنجي ملڪ جون گهرجون پوريون ٿين ٿيون، پر اضافي پيداوار پرڏيهه موڪلي، پرڏيهي واپار وسيلي، پرڏيهي ناڻو به ڪمايو وڃي ٿو. ساڳئين طرح ٻين صوبن ۾ به ائين ئي آهي.“

”بنا ارادي پوکيل, بنا سنڀال ٻينل, ٻيرن جا وڻ“، ٻير اوهان به ڏٺا هوندا، مثال طور ٻير جي ڊينگري! اُهي ٻير مون ٻُڌا به آهن، ٻير ڪاڏا به آهن، ٻير جي پٽ يعني پَنڻ جو ڪم به مون ڪيو آهي. اسانجو پنهنجو ٻيرن جو باغ آهي، جيڪو هر سال ڪو نه ڪو ٽنڊي قيصر جو نظاماڻي نيڪي ۾ ڪٽندو آهي. اُهي ٻير اسان پنهنجي انهي ٻني ۾ لڳايا، جتي اڪثر ڪري فصل سنو ڪونه ٿيندو هو، پر انهي ساڳئين زمين ۾ ٻيرن جو باغ آهي، جيڪو هر سال لک به ناهي ٿو. اچا، ٻير بنا ارادي پوکيل اسان به ڪافي جاين ته ڏٺا آهن، جن کي نه پاڻي نه وري ٻيو ياڻ وغيره، بس فروٽ ڏيندا آهن، مگر سائين منل اسان کان وڌيڪ ماهر آهي، ڇو جو هو سڄو ڏينهن فصلن سان جڙيل رهي ٿو. انهي سفر نامي ۾ منهنجي محبوب استاد، جيڪو بيحد پيارو استاد آهي منهنجو، ڊاڪٽر امتياز احمد نظاماڻي، جيڪو ٻيرن جي فصل بابت پي ايچ ڊي به ٻيرن جي وڻ بابت ڪري چُڪو آهي، جنهن اسان کي به ٻيرن ۾ لڳندڙ بيمارين بابت آگاهي ڏني. بنا ارادي ٻينل هترادو پوکيل ٻيرن لاءِ نقصان ڪار آهن يا نه انهن بابت محترم سائين امتياز نظاماڻي کان پڇڻو پوندو.

”سفر بخير“جو تفصيلي جائزو پوءِ، سائين وري انهي سفرنامي مان شارٽ ڪٽ ۾ سفر بابت احوال به ڪجهه هن طرح ڏنو آهي ته“سفر ڪوڙ سارا ماڻهو ڪندا آهن، سفر صرف مون ڪونه ڪيو آهي، ٻين جي سفرنامن پڙهڻ کان پوءِ، مون کي به خيال آيو، ڇو نه آئون به سفرنامو لکان. سفرنامو نثر جي هڪڙي صنف آهي. جيڪو به لکڻ لاءِ ويندو،

انهي لاءِ سفرنامو لکڻ مسئلو ناهي“. سائين پنهنجي سفرنامي بابت تنقيد بہ پاڻ ڪندو هلي. سائين چوي ٿو منهنجو سفرنامو ايترو خاص ناهي، عام رواجي سفرنامن کان الڳ ٿلڳ آهي. سائين پنهنجي سفر بخير ڪتاب جو تفصيل سان لکڻ کان پوءِ وري شارٽ ڪٽ يعني ٿلهي ليکي لکي ٿو تہ ”مون کهڙن علائقن جو دورو ڪيو، منهنجي هن سفر دوران ڇنڇر 07 نومبر 2015ع کان خميس 19 نومبر 2015ع وارن ڏينهن ۾، آئون انتهائي اهم ۽ هڪ نظر کان حساس ذميواريءَ سبب، تمام گهڻو مصروف رهيس، جنهن ڪري چاهڻ باوجود، معمول جي ابتڙ، مٿن مائٽن ۽ يارن دوستن سان رابطي ۾ هوندي بہ، ڇڻ تہ رابطي ۾ نہ رهيس.
اوهان مهربان دوستن ۽ عزيزن جي نيڪ تمنائن سبب، آئون پنهنجون ذميواريون، منهنجي حساب سان تمام بهتر نموني نڀائي، واپس پنهنجي ماڳ اچي پهتو آهيان. ان عرصي دوران لاهور ۾ عجائب گهر، شاهي قلعو، شاهي مسجد، مينارِ پاڪستان، بيبي پاڪ دامن، انار ڪلي، لڪشمي چوڪ، زُو (لاهور جو راڻيءَ باغ)، راوي پُل، جهانگير بادشاهہ ۽ نورجهان جا مقبرا ۽ آسپاس، شاليمار باغ، واگهہ بارڊر، هائپر اسٽار، لاهور کان ڪوهہ مري ويندي دنيا جي ٻيو نمبر ۽ ايشيا جي پهريون نمبر وڏي لوڻ کاڻ (کيوڙهہ مائين)، ڪلر ڪهار، ڪوهہ مريءَ ۾ مال روڊ، ڪشمير پوائنٽ، پنڊي پوائنٽ، درياءِ نيلم، واديءِ نيلم، مظفر آباد، دو ميل (جتي ريشم ۽ نيلم دريا اچي ملن ٿا، ريشم دريا جو ذري گهٽ گلابي ميٽوڙو پاڻي ۽ نيلم جو لُڙ پاڻي گڏجي، هڪ ئي نيلم دريا ٿي اڳتي وهن ٿا)، ان ڪانپوءِ نٿيا گلي ۽ ايوبيا ويندي، ورندي، بندر پوائنٽس، تنهن کان پوءِ اسلام آباد ۽ راولپنڊي اچي پاڪستان ميوزيم آف نيچرل هسٽري، لوڪ ورثہ، شڪر پُڙيان، نيشنل مينومينٽ يا شايد مونامينٽ، فيصل مسجد، دامنِ ڪوهہ، زُو (جانورن جو باغ)، پي اي آر سي، اين اي آر سي، ليڪ ويو، راول ڊيم، امام بري، جناح سپر مارڪيٽ، پنڊيءَ جي صدر ۽ راجا بازار، ايرڊ ايگريڪلچر يونيورسٽي ۽ ڪجهہ ٻين زرعي تعليمي ۽ تحقيقي ادارن ۾ وڃڻ ٿيو. روزانو صبح سوير نڪربو هو ۽ رات جو دير تائين ٽڪي ٽڪي ٿي واپس وربو هو“. اوهان جو منهنجو عقل دنگ رهجي ويندو اِهي جايون ملڪ جون مشهور جايون آهن جن لاءِ گهمڻ مون کي اوهان کي موقعو ملي اسان بہ هلي اُهي جايون گهمون.
سائين منل جسڪاڻي جو جڏهن ”سفر ٻفر، گهر کان گهر تائين جون ڳالهيون“ سفرنامو پڙهندا، اوهان کي ازخد ائين محسوس ٿيندو، تہ سائين سفر جو شوقين آهي. سائين لکڻ پڙهڻ جو بہ شوقين آهي. سچي سفر ۾ جيڪي بہ واقعا، ڳالهيون، منظر، سائين جي سامهون آيا، اُهي سڀ هن ڪتاب جو حصو آهن. عرض تہ ”مون کي جيئن ئي خبر پئي تہ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر مغل، وائيس چانسلر، سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام، منهنجي درخواست قبول ڪندي، اجازت ڏئي ڇڏي آهي، ان ڪري هاڻي سفر تي اسهڻو آهي، خوب خيالي پُلاءُ پچايم، تہ نوان ڪپڙا وٺندس، سوٽ بوٽ وٺندس... پر ڪجهہ بہ نہ وٺي سگهيس. 6 جون 2011ع تي منجهند 12 وڳي فلائيٽ هئي، جنهن لاءِ

ڏيڍ ڪلاڪ اڳ پهچڻ جون هدايتون هيون، ان ڪري صبح جو 5 وڳي، ساڍين آٽرن ۾ گهران نڪري پيس. سوچيو هئم ته گهران ڪار ۾ نڪرندس، جيڪا سڌو جهاز تي ڇڏيندي، پر ڪار حيدرآباد جي هڪ بس اڏي تي پهچي جواب ڏنو، ته ماٺ ڪري وجي بس ۾ وينس. بس ۾ ئي ٿوري گهٽي گهر ۽ ٻارڙن جي پريشاني تي پئي، پر ڏڳهڙيءَ جي هڪ اڻ ڏٺل (جڏهن هيءُ سفر نامو لکيو هئم، تڏهن اڻ ڏٺل هو، هاڻ روبرو ملاقاتون، ڪچهريون ٿيون ٻه آهن، ۽ اميد ته سلسلو هلندو ٻه رهندو)، موبائيل فون دوست، حاجي محمد اسماعيل لغاريءَ جي هن ايس ايم ايس آٿت ڏني، جنهن ڪي هي ٻه اکر پڙهڻ ڪان پوءِ خبر پوندي، ته سندس ان نياپي مهل آئون ڪتي ۽ ڪهڙي ڪيفيت ۾ هئس! هن لکيو هو :

**وه هي محفوظ رکي گا تيري گهر کو بلائون سي،**
**جو بارش مين شجر سي گهونسلا گرني نهين ديتا...**

جهاز هلڻ - اڏامڻ ۾ پنج منٽ دير ڪئي، ته هڪ پناڻ وڏي آواز ۾ چيو: ”ٽائيم هو گيا، جهاز ڪيون نهين چلا رهي؟“. اهو ٻُڌي اسان جي جوڙي ڪلي پئي ۽ دل ۾ خيال آيو ته اسان جهاز ۾ وينا آهيون يا نصرپور واري بس ۾...! چرچي طور ڪن دوستن ڏانهن نياپو لکي موڪليم، ته هڪ دوست جواب ڏنو: ”صبر ڪريو! پناڻ جو خيال ڪجو، متان ٽپ ڏئي، جهاز مان“. جهاز هلڻ - اڏامڻ جي ڪئي ته موبائيل بند ڪري ڇڏيم...“ اهڙيون ٻيون ٻه ڪيتريون ئي ڳالهيون، اوهان ڪي هن سفرنامي ۾ ملنديون جن ڪي پڙهي اوهان فخر محسوس ڪندا.
”ٽنڊو ڄام ڪان ٽنڊو قيصر“اٽڪل ڪجهه ڪلوميٽرن تي آهي، جنهن جو اڪثر نظاماڻي جي حوالي سان نالو مشهور آهي. سنڌ ڌرتي جو پلوڙ جهونو شاعر آسي زميني ٻه ٽنڊي قيصر جو آهي ٽنڊي قيصر واري علائقي ۾ اڪثر ٻنيون ٻه پليون آهن، ويجهڙائي ۾ آئون ٻه ناهيان ويو، جڏهن زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ پڙهندو هئس، تڏهن هڪ چڪر سنگت سان گڏجي ويو هئس. انهي ٽنڊي قيصر بابت سائين منل جسڪاڻي جي ساڳئين سفرنامي ۾ مون ٻه پڙهيو آهي ٻيرن جي ايشيا جي وڏي ۾ وڏي منڊي ٻه انهي ٽنڊي قيصر ۾ لڳندي آهي. اُنهي ٽنڊو قيصر جي آس پاس وارين زمينن جو دورو ڪندي، سائين منل جسڪاڻي لکي ٿو ”خميس 23 آگسٽ 2012ع تي صبح جو سوائين نوين وڳي، آئون ٽنڊوڄام ڪان ٽنڊوقيصر روانو ٿيس، ۽ واپس موٽندي ڏيڍ ٿي ويو. اهو سفر آئون ننڍي هوندي، پنهنجي وڏڙن سان گڏ مراد شاهه جو ميلو گهمڻ لاءِ ٻيرين پنڌ ڪندو هئس، وڏو ٿيس ته هڪ ٻه ڀيرا پنهنجي اولاد سان گڏ ٻه اهو ميلو گهمي آيو آهيان.
اڄ مون سان موٽرسائيڪل ۽ ڪيميرا ٻه ساڻ هئي. موسم انتهائي وٽندڙ هئي، چاڪاڻ ته اڄ سڄ ۽ جهُڙ هڪ ٻئي سان اهڙي ڪينچل ڪندا رهيا، جنهن ڪري هن علائقي ۾ ڪنهن مهل ڇانءَ ته ڪنهن ويل اُس ٿي نڪتي. ڏکڻ جي ٿڌڙي منڙي هوا گهلي پئي.

اهڙي پلي موسم جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، ته منهنجي هن سفر جي اٽڪل چئن ڪلاڪن ۾، مون کي اڄ به نه لڳي ۽ آئون بنا ڪجهه کائڻ ۽ پيئڻ جي، پنهنجو سفر پورو ڪري گهر موٽي آيس. ٽنڊوڄام کان ٽنڊوقيصر تائين مون هميشهه واٽر، شاخ، واهه، سنڌونديءَ مان وهي ايندڙ پاڻيءَ تي باغ ۽ فصل ڏٺا، پر هن ڀيري مون هڪ هڪ ڪري ڳڻيون ته ڪونه، البت ٿوري ٿوري فاصلي تي زمين مان پاڻي ڪيندڙ ڊيزل انجڻ لڳل ڏٺا. جنهن مان ظاهر آهي ته آبپاشيءَ واري پاڻيءَ جي شديد کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ، مهانگو ڊيزل وني باغ ۽ فصل بچائي، پيداوار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جنهن تي في ايڪڙ ايترو خرچ ٿي ويندو آهي، جو اڳي وانگر هاري توڙي زميندار کي ايتري بچت جو آسرو نه آهي، جو هو صرف ڪيتي ٻاڙيءَ تي گذران ڪري سگهن! هڪ هنڌ مون جنتر جو گاهه پوکيل ڏٺو، جيڪو هاڻي ڍڳين ڪٽي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. جنتر جي پر ۾ خالي پيل زمين ۾ جنتر جون اڌ آليون اڌ سڪل اهڙيون ڪانيون، ڪانيون پکڙيل ڏٺيون، جيڪي پڪ سان اتي ڪنهن ٻڪرار يا ريڍار جنتر لُٽي چارايو هوندو. ٽنڊوڄام کان ٽنڊوقيصر روڊ جي ٻنهي پاسي اڪثر انبن جا باغ آهن. انبن جي مجموعي بيهڪ، صورتحال مطمئن ڪرڻ جهڙي آهي. البت جڏهن ٽنڊوقيصر کي ويجهو پهتس، ته ٻاءِ پاس موڙ وٽ ڪابي طرف انبن جي باغ واري زمين ۾ وونئڻ ڏسي، اهو باغ ياد اچي ويو، جيڪو ڏهاڪو کن سال اڳ تائين به نيڪ ناڪ باغ هو، پر پوءِ اهو مختلف بيمارين جي اهڙي ور چڙهيو، جو هاڻي ان ٽڪر ۾ مالڪ جي گهر لاءِ گهربل پنهنجا انب حاصل ڪرڻ لاءِ به انب جو وڻ بينل نظر نه آيو!؟ انبن جا ڪجهه باغ اهڙا به هئا جن ۾ ماضيءَ وانگر کي ٻيا فصل به پوکيل هئا. ڪٿي ڪٿي انبن ۾ سوڪهڙي واري بيماريءَ جون علامتون، ڪجهه وڻن جا سُڪل ٽار، ته ڪو ڪو سڄو وڻ به سُڪل نظر آيو. انهن سُڪل وڻن ۾ ڪجهه وڻن ۾ ڪنئور به هو، ته ڪن ۾ ڪنؤر جو ٽڪو به نه هو.

”ڪجهه هتان ڪجهه هُتان! “يعني ڪجهه زرعي ته ڪجهه غير زرعي شيون، سائين اڪثر پريڪٽيل ورڪ لاءِ اڪثر حيدر آباد، ٽنڊوالهيار، ٽنڊو ڄام، هوڏانهن شيخ پرڪيو طرف به ڪڏهن ڪڏهن ريسرچ ڪندي ڪندي پري وڃو پهچي. سائين لکي ٿو ”هڪ دفعي، ٿيو هيئن ته مون کي ڪو ڪم نه هو، ائين ئي، آئون ٽنڊوڄام مان ٽنڊو الهه يار ڏانهن، رستي جي ٻنهي طرفن کان، فصلن جو معائنو ڪندو ويس. جڏهن قبو بس اسٽاپ تي پهتس، ته اتان کان بڪيرا شريف وارو رستو ورتم. ان رستي سان به، ٻنهي طرفن کان پوکيل فصل ڏسندو، وڃي ٽنڊو الهه يار، بڪيرا شريف روڊ تي پهتس. مون کي ياد آهي ته اتان مون شيخ پرڪيو کان ڦري اچڻ جو به سوچيو هو، پر اوچتو ياد اچي ويو ليڪڪ دوست نواز نظاماڻي، جيڪو انهن ڏينهن سول اسپتال ٽنڊو الهه يار کي سامهون واري هاءِ اسڪول ۾ استاد هو، ٽنڊو ڄام ۾ رهندو هو، شام جو اڪثر اسين ملندا هئاسين. نواز چوندو رهندو هو، ته ڪڏهن اسڪول به اچي نڪر، اهو جهان به ڏسي وڄ. تنهن ڪري آئون ڦري آيس نواز نظاماڻي وٽ، جتي سندس ساٿي استاد مليا، ڪچهري ٿي،

چانهن پي نڪتاسين. سائين جن اُتان ڦرندا ڦرندا اچي وري نصرپور پهتا. اُتان سائين نواز نظاماڻي کي جيڪو ڪم هو، اُهو ڪم ڪري، پوءِ تاج پور واري رستي تان ٿيندا، وجي ميرپور خاص روڊ تي چڙهيا. اُتان هو سڌو ٽنڊو ڄام وجي پهتا. بچي ويو عنايت لغاري!“ عنايت لغاري سان سائين جو ڪٿان واسطو ٿيو، اُهو به حيران ڪندڙ آهي.
1993ع ۾ بيمار ٿي پيو هئس، تڪليف ڪان وڌيڪ ڊاڪٽر جي ڏنل خوف پريشان ڪيو هو، پنهنجو حال ساريل هو، ان ڪري پاڻ کي شاگردن جي بلي ڪيو هئم، يعني آپريشن وسيلي مسئلو حل ڪرائڻ لاءِ، تڏهوڪي لياقت ميڊيڪل ڪاليج، هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي جي سرجيڪل وارڊ ۾ ڄام شورو وڃي داخل ٿيو هئس. اتي ساڳئي وارڊ ۾ هڪ لغاري به داخل هو، ان جا جڃها آپريشن ٿيا هئا. منهنجو هڪ ننڍڙو، مائينر آپريشن ٿيو هو. مريض پلي ته ڪير به هجن، اسپتال ۾ واسطا وڌي ويندا آهن .
سائين جي انهي ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي. هاڻ واقعي ڏڌاٽو بوزدار تاريخي ڳوٺ آهي. جيڪو هن وقت شهر جي صورت ۾ تبديل ٿي ويو آهي. ڪٿي اڪثر ائين ٿيندو آهي. نوان قائم ٿيل ڳوٺ به ويران ٿي ويندا آهن. ڪٿي وري ائين ٿيندو آهي، ته سرسبز علائقن ۾ قائم اسٽاپ يا ڳوٺ بازارن جا رُخ اختيار ڪري ويندا آهن. بس ڪهڙي به صورت سائين منل جسڪاڻي پنهنجو ڳوٺ ڪنهن ڪم سانگي هليو ويو، ڏڌاٽي ڪون آيو، پوءِ عنايت لغاري بچي ويو .
سائين منل جسڪاڻي اُهو سفرنامو لکي اسان پڙهندڙن ۽ گهمندڙن لاءِ ڪوهه مري، اسلام آباد, لاهور جي انهي پوائنٽن کي واضع ڪري لکيو آهي. اسانجو جڏهن به لاهور، ڪوهه مري، اسلام آباد وڃڻ ٿئي، انهي بابت ڄاڻ، هتي موجود سُنين جاين جي ڄاڻ، اسان کي هن ڪتاب ”سفر بخير“ مان سولائي سان ملي سگهندي. ”سفر بخير“ ڪتاب ”سليٽ اشاعتي شعبي ٽنڊو قيصر“ پاران 2016ع ۾ ڇپائي، اسان پڙهندڙن جي جهول ۾ هڪ گلدستو رکيو ويو آهي.
سائين منل جسڪاڻي جي ڪتاب ”سفر بخير“ جو مهاڳ پروفيسر ڊاڪٽر مجيب الدين صحرائي ميمڻ پاڻ لکيو آهي، جيڪو پاڻ به نالي واري اديب تاج صحرائي جو پُٽ آهي، هن وقت سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جو وائيس چانسلر آهي. ”سفر بخير“ ڪتاب تي تاثرات ڊاڪٽر قاسم راڄپر، پنهنجي پاران منل جسڪاڻي ۽ اداري پاران آسي زميني لکيو آهي.

## ڪتاب: اذيتن جي اُس (ڪهاڻيون) ليکڪ: جعفر شاهاڻي

سنڌي ڪهاڻيڪارن جو ذڪر ڪبو ته ڪيترائي نالا سامهون ايندا، جن ۾ امر جليل، نور الهديٰ شاهه، ماڻڪ، نسيم ڪرل ڪان ويندي نئين ٿهيءَ جا ٻيا به ڪوڙ نالا اسان جي سامهون ايندا پر پوءِ به سنڌي ساهت ۾ اُهي ڳالهيون اڪثر گسين پنڌينءَ ٻُڌڻ ۾ ايندڀون

رهنديون آهن ته سنڌي ڪهاڻي مري وئي آهي يا سنڌي ڪهاڻيءَ کي گولي لڳي وئي آهي. اها دعويٰ ته جنهن ڪئي سا ڪئي پر ڳالهه چوٽ ضرور چڙهي وئي. نوجوان ڪهاڻيڪار انهي ڳالهين کي قطعي مڃڻ لاءِ تيار ناهن ۽ ڪهاڻيون لکندڙ اجا به لکن پيا ۽ اهڙي طرح نه صرف مقدار پر معيار تي پورو لهندڙ به ڪيترين ئي ڪهاڻيون به لکيون وڃن پيون ۽ مسلسل انهن ۾ واڌ ٿي رهي آهي پر گهٽتائي جو ڪو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي .

ائين به چئجي ته غلط نه ٿيندو ته سنڌي ڪهاڻيءَ جو سفر ختم ناهي ٿيو بلڪ وڌيو ضرور آهي. انهي ڪهاڻيڪارن مان نئين ٽهيءَ جو پلوڙ ڪهاڻيڪار جعفر شاهاڻي به هڪ آهي. سندس ڪهاڻي ڪتاب "اذيتن جي اُس" مارڪيٽ ۾ آيل آهي ۽ هن نوجوان جو تعلق ضلعي عمرڪوٽ جي ڳوٺ ساڏوري سان آهي. جعفر سان منهنجو عوامي اوطاق (فيسبڪ) تان واسطو ٿيو، جيڪو دوستيءَ ۾ تبديل ٿي ويو. منهنجي ساڻس ڪڏهن ڪا ملاقات ناهي ٿي، پر ساڻس ملاقات جي تمنا ضرور آهي.ڪيترائي ڀيرا ڪوشش ڪندو رهيس ته سندس ڪهاڻي ڪتاب تي لکان مگر هڪ وقت ساٿ نه پئي ڏنو ٻيو وري سچ ۾ جعفر تي لکڻ مون کي مشڪل پئي لڳو پر پوءِ به ڪوشش ڪري رهيو آهيان اميد ته جعفر منهنجي طرفان لکيل چند لفظ سيني سان لڳائي قبول ڪندو.

جعفر جو تعلق جنهن علائقي سان آهي اُنهي مٽيءَ جا ماڻهو سڄي سنڌ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. انهن علائقي جا منظر ڪڏهن مرڪون ڏيارندڙ منظر لڳندا آهن، ته جڏهن وري برسات پوي ته ماڳهين ٿر جا منظر فطري طور دل کي وٽندڙ لڳندا آهن. جڏهن وري ڏڪار ٿئي ته ماڻهو لڏکن کي روڪي ناهي سگهندو.جعفر جي ڪتاب اذيتن جي اُس ۾ ارڙهن مختلف موضوعن تي لکيل ڪهاڻيونآهن. جن مان ڪجهه اهڙا موضوع آهن، جيڪي اسان جي روزمره جي زندگيءَ ۾ اسان سامهون پيش ايندڙ واقعا آهن، جن مان ڪجهه موضوعن تي ڳالهجي ٿو.

"خفتي"لفظ پڙهندي ئي اسان جي ذهن ۾ مختلف سوال ڪر ڪڻن ٿا ته اسان جي معاشري ۾ اوهان کي مختلف خفت ڪندڙ ڪڪڙن جا خفتي، ڪبوترن جا خفتي، ڪتن جي خفيتن سميت ٻيا به ڪوڙ خفتي ملندا. "عيد نماز" ڪهاڻي جهڙا ڪجهه واقعا مون اکين سان ڏٺا ۽ ڪنن سان ٻُڌا پڻ آهن جيڪي ماڻهو پنهنجي ڳوٺجون مسجدون ڇڏي ٻين ڳوٺ ۾ عيد نماز پڙهڻ لاءِ مختلف عذر پيش ڪري وڃي پڙهن ٿا. اُهي يا اهڙا "ورڪر، نيت جو نانگ، ڪُنيس ڪويڄن، ٻي پيرو" ڪهاڻين سميت ڪوڙ موضوع آهن جن تي جعفر لکيو آهي جيڪي اسان جي معاشري ۾ ناسور بڻيل آهن.

مون جڏهن سندس ڪهاڻيون پڙهيون تڏهن دل ۾ عجيب خيال جاڳيا ته هيءُ ڪهاڻيڪار جڏهن انهن موضوعن تي لکن ٿا ته هنن وٽ سيني ۾ دل هوندي آهي يا نه، جو انهن معاشرتي عڪسنکي ڏسي انهن واقعن کي ٻُڌي خود به خود ڪيئن ايترو آساني سان لکي وٺندا آهن. منهنجي ذهن ۾ بار بار اهو خيال ايندو رهيو ته ڇا ڪهاڻيڪارن جون دليون پٿر جون دليون هونديون آهن جيڪي ايترو جلدي انهن واقعن تي روئڻ بجاءِ

اُنهن واقعن کي لفظن ۾ قيد ڪري وٺندا آهن. ڪتاب اڏيتن جي اُس جعفر ڪيئن ۽ ڪهڙين ڪيفيتن ۾ لکيو، انهي جي ڄاڻ صرف جعفر شاهاڻيءَ کي هوندي. مون جعفر کي هڪ ڏينهن فون تي چيو هو ته، شاهاڻي ذات مون کي ڏاڍي وڻندڙ آهي ته هُوءَ مرڪي پيو هو.

جعفر شاهاڻي پنهنجي هِن ڪهاڻي ڪتاب جي ارپنا پنهنجي فيملي جي ڪجهه فردن کي ڪئي آهي جن ۾ سندس والد صاحب يار محمد شاهاڻي جيڪو سندس ساٿ ڇڏي چڪو آهي. جنهن لاءِ جعفر لکي ٿو، سندس بي پناهه پيار ۽ وڇوڙي جو ڏُک لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهان. ٻيو هن ارپنا پنهنجي امڙ سائنڻ کي ڪئي، جنهن جي ممتا ۽ پيار جو مثال دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. ٽيو هن پنهنجي ياءُ ميان بخش شاهاڻيءَ کي ڪئي آهي ۽ آخر ۾ لکيو اٿس، دل ۾ رهندڙ سيني همدرد ۽ هڏ ڏوکين مقدس جي نانءَ.

جعفر جي هِن ڪتاب جو مهاڳ نالي واري ليکڪ پياري ماڻهو عزيز ڪنگراڻي صاحب، بئڪ ٽائيٽل شاعر آسي زميني لکيو آهي ۽ ان کان سواءِ عاشق حسين زندپور بلوچ ۽ اسحاق ساند جا مختصر رايا پڻ شامل آهن. جعفر شاهاڻيءَ جو هيءُ ڪهاڻي ڪتاب اڏيتن جي اُس ڪنول پبليڪيشن قمبر طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

# جاويد جبار جي ڪتاب زنگجِي ويل نِنڊ تي هڪ نظر!

ٽنڊو الهيار شهر هر شيءِ سان مالا مال ۽ سرسبز ضلعو آهي، انهي سان گڏو گڏ ادبي حوالي سان هي ضلعو به پنهنجي مٽ پاڻ آهي. هن ضلعي ۾ وائي جي وڏي شاعر شاهه عنايت رضوي مولودن جي حوالي سان پير اشرف شاهه ڪافين جي بادشاهه مصري شاهه ۽ ڪلاسڪ جو سنگم مرتضي شاهه ڏاڏاهي ڀيا به ڪوڙ سارا شاعر جنم ورتو آهي انهن پيارن ۾ هن ٽنڊو الهيار ضلعي جي تعلقہ چمبڙ سان تعلق رکندڙ جاويد جبار دائودپوٽو به سني شاعرن ۾ لکيو وڃي ٿو.
سنڌ اندر ٻئين ڪيترين ئي صنفن تي ڪم ٿي چُڪو آهي شاعر ٻين به ڪيترين صنفن تي شاعري سرجهائي رهيا آهن. پر هن نواجوان جاويد جنهن صنف تي ڪم ڪيو آهي اُنهي صنف تي هن وقت ڪنهن به شاعر مڪمل ڪتاب ناهي آندو اُهو اعزاز ٽنڊو الهيار جي هن نوجوان شاعر ڪي حاصل ٿيو آهي، سندس نانءِ جاويد جبار آهي هي نواجون ٿهي جو بهترين ۽ جاڪوڙي انسان آهي سندس رهنمائي سُٺن دوستن ۽ سُٺن اُستادن ۾ ٿي آهي.
هوئين تي منهنجي جاويد جبار سان ملاقات نہ روبرو ٿي آهي بلڪ نہ ڪڏهن فون تي ڪا ڳالهه ٻول به ٿي آهي پر سندس ڪتاب مون ڪي فرهاد جروار تحفي طور موڪليو مون سندس ڪتاب جو مطالعو ڪيو هو پر سندس ڪتاب بابت لکڻ تي مون ڪون سوچو هو پوءِ ڪنهن دوست جي شادي تقريب ۾ مون سان ريحان ابڙو جي ملاقات ٿي جنهن ۾ ڪوڙ اديب موجود هئا منهنجو محسن سائين خادم گهراڻو به موجود هو جتي سائين جي سامهون ريحان منهنجو تعارف ڪرايو ٻين شاعرن سان پوءِ انهن جي منهن تي مون ڪي ريحان ابڙي جاويد جبار جي ڪتاب تي لکڻ لاءِ ياد ڏياريو مون گهر ايندي جاويد جي ڪتاب تي لکڻ شروع ڪيو.
مون جڏهن هن ڪتاب جو مطالعو ڪيو سائنٽ صنف منهنجي لاءِ بلڪل نئي صنف هئي ڇو جو سنڌي شاعري ۾ مون اڪثر جيڪي صنفون ٻُڌيون هيون انهن ۾ هي غزل، نثري نظم آزاد نظم وائي بيت وغيره مگر مون سائنٽ صنف ڪڏهن ٻُڌي ۽ نہ وري ڪڏهن ٻڌي هئي. منهنجي مشاهدي ۽ مطالعي موجب سائنٽ تي ٻين شاعرن به طبي آزمائي ڪئي تي هوندي، پر سائنٽَ تي مڪمل ڪتاب جاويد جبار ئي سهڙي سگهيو آهي. جيڪو سنو عمل آهي جاويد جبار لاءِ وڏو اعزاز حاصل آهي.حقيقت ۾ سائنٽَ صنف پهريون اٽلي ۾ لکي وئي، هن صنف ڪي وڏيڪ شيڪسپيئر ئي اوج ڪيو اگر شيڪسپيئر هن صنف ڪي ظاهر نہ ڪري ها اُها صنف اٽلي تائين ئي محدود رهي ها شيڪسپيئر هن صنف ۾ پنهنجو گهاڙيٽو متعارف ڪرايو. جنهن ڪري شيڪسپيئر گهاڙيٽو چئجي ٿو.

ڪجھ وقت پهريان وسيم سومري، اسحاق سميجي، احمد سولنگي، آشفاق آذر، ٻين شاعرن بہ طبع آزمائي ڪئي هوندي مگر هن وقت سائنٽ جي صنف تي مڪمل مجموعو جاويد جبار دائودپوٽو جو اچي سگهيو آهي جيڪو پڙهي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. ۽ اجان بہ دوستن مان اُها اميد ڪري رهيو آهي هن صنف تي بہ ڪجھ لکيو وجي،جاويد جبار جي ڪجھ سائنٽ جيڪي منهنجي دل کي ڏاڍا وڻيا آهن.

**هاءِ پنيورُ ساڳيون ڏُکي پيو اَجان!**
**ڪونہ سَسئي جو ڪِٿ ڪوبہ پيرو لَڀيو،**
**ڏِس تہ ڪينجهر بہ ڪيڏو چُلي پيو اَجان**
**ڪانہ نوري مِلي ڄامُ ڪيڏانهن ويو؟**

ڇا ڪمال جا سائنٽ سرجهايا اٿس ڪمال جي جوڙ جڪ ڪئي اٿس،
پنيور ساڳيون ڏُکي پيو اجان سسئي جو ڪٿي ڪو بہ پيرو نٿو کي وري مٿان نوري جي ڳالہ پيو ڪري ڪينجهر بہ ڪيڏو چُلي پيو اجان، نڪي نوري ملي ڄام بہ الائي ڪاڏي هليو ويو.

**ڪيئن مَجان تو ناهي ساريو!**
**مُوکي هِڏڪِي آئِي ڪانهي!**
**لوڏي نيڻَ ڇَڏِين ٿا واريو،**
**ڳوڙهن وٽ تَنهائِي ڪانهي!**

جاويد ڪيڏو نہ ڪمال سان لکيو آهي، ڪيئن مجان تو ساريو ڪونهي، نہ وري مون کي هڏڪي لڳي آهي اثر آئين ٿيندو آهي ڪو ماڻهو ڪنهن کي دل سان ياد ڪندو آهي تي هڏڪي لڳندي آهي، مٿان وري ٻئي بند ۾ چوي ٿو تي لوڏي نيڻ ڇڏين ٿا واريو اڪين مان وهندڙ ڳوڙهن وٽ ڪا تنهائي ڪانهي.جاويد جو ڪتاب ۾ موجود هر بند ساينٽ ڪمال جو آهي هن ڪتي ڪتي اهڙا بند آهن مان سمجهان پيو تي هي سانيٽ جاويد مون کي ڏسي منهنجي مٿان جوڙيو آهي ڇڻ منهنجي رهنمائي ڪندا هجن.
جاويد جبار جو هي ڪتاب جڏهن آوي مان تيار ٿي نڪر جي ٿاون جيان ٻاهر نڪتو تي سڄي سنڌ ۾ گلاب جي خوشبو جيان واسجي ويو. جاويد پنهنجي پيار جي پهرين قلمي پورهئي جي ارپنا پنهنجي خاندان جي ڪجھ فردن کي ڪئي آهي جنهن ۾ سندس جيجل امڙ پائر پينرون ڀاجهاري شفيق دوست سندس بابا عبدالجبار دائودپوٽي کي ڪئي آهي.
جاويد جي ڪتاب جو مهاڳ لاڙ پٽي جي دلربا شاعر پياري ماڻهو فراق هاليپوٽو لکيو آهي، جاويد جي ڪتاب تي تاثرات اعجاز شاہ مختيار سهتو، ريحان ابڙو، ۽ ڪتاب تي

بيڪ ٽائيٽل روحل واءِ جي پياري شاعر حاجي ساند لکيو آهي. هن ڪتاب کي شايع ڪرڻ جو اعزاز سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر کي حاصل ٿيو.

# زراعت جي حوالي سان بهترين ڄاڻ ڏيندڙ ڪتاب ”زرعي سونهون“

زراعت جي حوالي سان هونئن ته ٻيا به ڪوڙ سارا مضمون پڙهڻ لاءِ ملن ٿا، پر منل جسڪاڻي جي لکڻين ڪان مان گھڻو متاثر ٿيندو رهيو آهيان. سندس ڪتاب ”زرعي سونهون“ نه رڳو زراعت جي حوالي سان پنهنجو هڪ مقام ماڻيندو، بلڪ هي ڪتاب ادبي حلقن ۾ به پنهنجي هڪ الڳ جاءِ جوڙيندو. ڇو ته هر ليکڪ پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪندو آهي، ته هو پنهنجي قلمي پورهئي کي سُني مان سنو ڪري لکي، ته جيئن پڙهندڙ سندس لکڻين مان متاثر ٿئي. منل جسڪاڻي به پنهنجي وس مان گهٽايو ناهي، پنهنجي لکڻين کي خوبصورت نموني سان ناهي لکيو آهي.
پڙهندڙن جي هٿن ۾ جڏهن ”زرعي سونهون“ پهتو، هر طرف منل منل ٿي وئي. ڇو ته ”زرعي سونهون“ ڪتاب، زراعت جي بنيادي ڄاڻ جي حوالي سان هڪ اهڙو بهترين ڪتاب آهي، جنهن کي عام ماڻهو پڙهي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي ٿو. اسان جو عام هاري، زميندار، ائين ته زراعت جي حوالي ڄاڻ رکن ٿا، پر زراعت جي سائنسي ڄاڻ هنن وٽ نه هئڻ جي برابر آهي.
”زرعي سونهون“ڪتاب ٻن حصن ۾ آهي. جنهن ۾ هڪ ڀاڱو زراعت جي بنيادي ڄاڻ جي حوالي سان آهي، جنهن ۾ زندگي، زمين، پاڻي، ٻوٽا، وڻ، موسم، جيت جڻا ۽ ٻين موضوعن سان لاڳاپيل فصلن جي پيداوار جي حوالي سان مواد آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ وري فصلوار ۽ ماهوار زرعي ڪم ڪار سان گڏ سنڌ جي اهم فصلن جن ۾ ڪڻڪ، ساريون، جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي، وونئڻ، ڪمند، تيلي ٻج، داليون، ڀاڃيون ۽ مصالحه، ميوا ۽ جانورن جي چاري وارا گاه شامل آهن.

هن ڪتاب ۾ زرعي ڄاڻ تمام سادن لفظن ۾ سمجهايل آهي. هڪ عام هاري اڻپڙهيل ماڻهو به آساني سان هن ڪتاب مان ڄاڻ حاصل ڪري سگهي ٿو. هن ڪتاب ۾ فصلن جي پيداوار ۽ انهن جي بچاءُ لاءِ بروقت ڪهڙا اُپا ڪڻڻ ڪپن؟ انهي حوالي سان به آسان ۽ صفا سادن لفظن ۾ سمجهايل آهي. فصل پوکڻ وقت ڪهڙن مونجهارن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي؟ انهي بابت به صلاحون هن ڪتاب ۾ سمجهايل آهن. فصلن ۽ باغن ۾ پيدا ٿيندڙ نقصانڪار جيتن ۽ بيمارين جي حوالي سان به سمجهايل آهي.
مختلف فصل گڏائي پوکڻ، سنڌ ۾ اوهان اڪثر ڏٺو هوندو، ڪٿي ڪٿي ماڻهو به فصل گڏائي پوکين ٿا. انهي جا به ڪيئي فائدا آهن. ڪڻڪ ۽ ڪمند اڪثر ڪري، هن موسم ۾ پوکيو ويندو آهي. اوهان پنهنجي آس پاس ۾ ٿوري نظر ڦيرائندا، ته اوهان کي ڪڻڪ ۽ ڪمند جي گڏيل پوک ٿيل ڏسڻ لاءِ ضرور ملندي. انهي گڏائي پوک ڪرڻ جا ڪيئي فائدا آهن.اسان جي ماحول کي خوش رکڻ لاءِ، اسان کي اڪثر ڪهڙين شين جي

ضرورت پوي ٿي؟ انهن مان ڪجهه اهڙا اهم به آهن، جن ۾ پاڻي، ٻوٽا، وڻ، موسم، جيڪي اسان جي موسم، اسان جي ماحول، اسان جي ملڪ لاءِ سڀ کان وڏيڪ اهم آهن. پاڻي ته اسان جي بنيادي ضرورت آهي.

اسان جا فصل لهڻ کان پوءِ بچندڙ باقيات بلڪل بلڪل بيڪار ناهي، انهي جا به ڪيترا ئي فائدا آهن. هتي اڪثر ڪري ائين ٿيندو آهي، ته جيڪا به بقايات بچي پوندي آهي، ان کي ساڙيو ويندو آهي. اسان جي ماحول کي گدلو ڪيو ويندو آهي. بقايات ساڙڻ سان ماحول خراب ٿي ٿيندو آهي.برسات کان پوء زراعت جي بحالي جي حوالي سان مضمون به سنو آهي. اسان وٽ برسات پوي ٿي، ماحول صاف سترو ٿئي ٿو، پر جي برسات گهٽي پوي ٿي، ته نقصان به ٿئي ٿو، اگر گهٽ پوي ٿي، تڏهن به نقصان ٿئي ٿو. جڏهن ته برسات پوڻ سان اسان جو ماحول صاف سترو ٿئي ٿو. اسان جي فصلن کي اگر پاڻي وغيره جي کوٽ هوندي آهي، اُها پوري ٿيو وڃي، پر اگر برسات پوي ٿي، اسان جو فصل جيڪو تيار آهي، انهي کي تمام گهڻو نقصان ٿئي ٿو. مثال طور اسان وٽ وونئڻ جو فصل تيار بيٺل آهي. انهي جي دوران اگر برسات پئجي وڃي ٿي، ته ان فصل کي نقصان ضرور ٿيندو، پر خير اوهان انهي کي نقصان مان فائدو سمجهي برداشت ڪريو، ڇو ته برسات قدرت طرفان اچي ٿي، جيڪا گهٽي ڀاڱي اسان جي فائدي مند آهي.

برسات جي پئجي وڃڻ کان پوءِ اسان کي گهرجي، ته اسان پنهنجي گهر، پنهنجي اوطاق کي برسات کان بچڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا، پنهنجي فصلن کي به بچائڻ جي ڪوشش ڪيون، فصلن ۾ جمع ٿيل پاڻي ٻاهر نيڪال ڪيون، جيڪو به نقصان ٿئي، انهي کي ڇڏي، بقايا فصل کي بچائڻ جي بروقت ڪوشش ڪيون.اوهان اهو ضرور ٻُڌو هوندو، ته ڪو به ٻوٽو فضول ناهي. اڳ وڏڙا پهاڪو ٻُڌائندا هئا، ته ڪک ۾ به ڪم پئجي سگهي ٿو. هي وڻ به ڪم اچي سگهن ٿا. هنن وڻن ۾ به ڪيترائي فائدا آهن. تڏهن منل به پنهنجي ڪتاب ۾ ٻُڌائيندو هلي، ته ڪو به وڻ فضول ناهي. زمين جو هڪ ذرو به خالي نه ڇڏيو.

”زرعي مشاورت: زراعت جي اهميت ۽ ضرورت“، به بهترين مضمون آهي. ڇو ته زراعت اسان جي جيئاپي جي بنيادي ۽ حتمي ضرورت آهي، ڀلي سائنس ڪيتري به ترقي ڪري اڳتي نڪري وڃي، پر پيٽ قوت جو دارومدار زراعت تي آهي.اهڙي طرح ”زرعي گريجوئيٽ ۽ خابرو ذريعا“ به ڪارائتو آهي. ڇو ته حقيقت ۾ اُهو روز جو معمول آهي ۽ ان معمول سان گڏو گڏ آبادگار جي ترتيب ۽ رهنمائي نه، انهن کي گمراهه ڪري، ڪين وڏيڪ پريشان ڪرڻ سان گڏو گڏ، آبادگارن کي ڪاروباري ڪمپنين جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيو پيو وڃي!؟

زرعي سونهون جي ٻئي ڀاڱي ۾ سنڌ اندر ٿيندڙ فصلن جي حوالي سان، انهن جي موسم جي حوالي سان تفصيلن سمجهايل آهي. ڪڻڪ، ساريون، جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي، وونئڻ، ڪمند، تيلي ٻج، داليون، ڀاڄيون، مصالحه، ميوا ۽ جانورن جي چاري وارا گاهه

جي حوالي سان تفصلن سمجهايل آهي. هنن فصلن جي موسمن، مهينن جي حوالي سان ۽ مختلف فصلن کي مختلف وقتن تي لڳندڙ بيمارين ۽ جيتن جي حوالي سان به سٺي ڄاڻ آهي.سچ ته ”زرعي سونهون“ زراعت جي بنيادي ڄاڻ جي حوالي هڪ انمول ڪتاب آهي. مٺل جسڪاڻي زرعي يونيورسٽي جي پلانٽ پروٽيڪشن فيڪلٽي ۾ استاد طور پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيو آهي، پر انهي سان گڏو گڏ هڪ سٺو شاعر ليکڪ پڻ آهي. سندس ننڍا توڙي وڏا 24 ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن. سائين جا اجان ڪوڙ زراعت جي حوالي سان مضمون مختلف اخبارن ۾ ڇپجي رهيا آهن.
هي ”زرعي سونهون“ ڪتاب، ادبي حلقن ۾ وڏي چاه سان پڙهيو پيو وڃي. هي ڪتاب هر هاري، هر اُهو ماڻهو، جيڪو زراعت سان لاڳاپيل آهي، اُهو ضرور پڙهي، جنهن کي هن ڪتاب مان ڪافي ڄاڻ ملندي.هن ڪتاب جو مهاڳ سنڌ جي نالي واري اسڪالر اديب تاج صحرائي جي فرزند زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب الدين صحرائي لکيو آهي. سائين جي ڪتاب تي تاثرات منهنجي محسن سائين محمد اسماعيل ڪنير لکيو آهي. سائين محمد اسماعيل ڪنير پاڻ به سٺو ليکڪ آهي. سندس ڪوڙ مضمون مختلف اخبارن ۾ پڙهيا اٿم. ٻه اکر اقبال حيدر لکيا آهن. جنهن هن ڪتاب ۾ دل سان سهڪار ڪيو آهي. اقبال حيدر لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمنٽ پروگرام جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آهي. ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل، منهنجي ئي ڊپارٽمينٽ جي محنتي استاد سر ابراهيم خاصخيلي صاحب لکيو آهي. هي ڪتاب اظهار پبليڪيشن ٽنڊوڄام طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي.

# محمد علي جروار جي ڪتاب هجومن ۾ اڪيلائي تي هڪ نظر

هجومن ۾ اڪيلائي مجموعي جو سرجڻهار لاڙ پٽي جي ضلعي بدين جي علائقي "امن آباد" ڪارياڻو سان تعلق رکندڙ شاعر محمد علي جروار آهي جيڪو زندگي جو ڳچ حصو سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعري کي ارپي چُڪو آهي، هو هن وقت به سنڌي ادب جي انهي پيچرن تي موجود آهي هاڻ تي ساٿس اسان به ساڳين سفر جا راهي تي چُڪا آهي ڏسون ٿا تي اسان کي منزل ڪڏهن تي ملي پر هن وقت منهنجي منزل کي ڇڏي ڪري مان محمد علي جي انهي منزل بابت ڪجھ ڳالهندس، هو هن سفر جو راهي ٿيو پوءِ اچانڪ ڪجھ وقت غائب رهيو انهي جا سبب ڇا هئا انهي غائب هجڻ ڪان پوءِ هو جڏهن ظاهر ٿيو ته سنڌ ڪيس محمد علي جي نالي سان وڏي واڪي سڏ ڪرڻ لڳي، محمد علي سڏ سان سڏ تي جي جي ڪندي واپس موٽي آيو. هن کي زندگي ڪيترا صدمان ڏنا هن سان ڪهڙيون ويسان گهاتيون ٿيون تنهن بابت هو پنهنجي خيال جي ڏي وٺ پنهنجي قلمي پورهئي هجومن ۾ اڪيلائي ۾ سرجهائي آهي جيڪي احساس محمد علي جا پنهنجا آهن جيڪو به پڙهندو اُهو پنهنجي لڙڪن کي نه روڪي سگهندو هن اهڙن احساسن کي دل ۾ ساندي ساندي نيٺ اسان آڏو ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيا آهن جيڪي پڙهجن تي خبر پوندي تي محمد علي ڪيترو ڏُکايل ۽ زماني جو ستايل آهي محمد علي جروار سان منهنجي پهرين ملاقات جروار برادري جي شادي تقريب ۾ ٽنڊو الهيار ۾ تي، جڏهن منهنجي ملاقات تي تڏهن صدين جي سڪ لاهي وئي محمد علي کي ڪيس پاڪرن ۾ پري سڪ پوري ڪرڻ لڳس.

هجومن ۾ اڪيلائي ڪتاب جو مطالعو ڪري سندس احساس کي دل سان پڙهي ڪيس چند لفظن جي ارپنا ڪري رهيو آهي سندس شاعري مجموعو منهنجي امر لائبريري ۾ موجود آهي. هن ڪتاب ۾ محمد علي غزل سرجهايا آهن، تن غزلن مان محمد علي جو هڪ هڪ غزل ڪمال جو غزل آهي دل تي چوي ٿي تي محمد علي جو هر هڪ غزل ورائي ورائي پڙهجي، محمد علي جڏهن ظاهر ٿيو تي سنڌي ادب جي پيچرن تي اسان لاءِ انمول ڪتاب هجومن ۾ اڪيلائي آوي مان تيار ٿيندڙ ٿاون جيان پچائي نڪتو اُهو ڪتاب نڪر جي ٿاون ڪان وڌيڪ پڪو پُختو تي ويو جيڪو هن وقت اسان جي هٿن ۾ آهي. ۽ اُهو صدين تائين اسان جي رهنمائي ڪندو رهندو اسان انهي مان لطف وٺندا رهنداسين.سندس غزل جون ڪجھ سٽون سڄڻ جي سامهون رکجن ٿيون.

**رات ڪنڌيءَ تي ننڊ اچي وئي،**
**سنڌ نديءَ تي ننڊ اچي وئي.**
**ڇپڙا ڇپڙن تائين پهتا،**
**مڏ منيءَ تي ننڊ اچي وئي.**

ڪيڏو نه ڪمال جو غزل تخليق ڪيو اٿس مان ٿي سمجهان ٿو هن هي غزل چڻ مون مٿان سرجهايو هجي، هو رات جو ڪنڊين تي سمهڻ جو هيرڪ ٿو لڳي هن ڪي مليل ايذاء يقينن هن کي ڪنڊين تي سمهڻ تي مجبور ڪندا هوندا، هو انهن ڪنڊي کي سنڌو نديءَ جو نانءُ ڏئي سمهي پيو تي به هو سمهي ويندو، سندس شاعري ۾ محبوب کان وڇڙڻ جو ڏُک بيان ڪري ڪٿي زماني جي ڏنل سورن کي سيني ۾ سانڍي لوڪ جي مهڻن ڪري لڪائي ٿو. وقت واقعي ۾ بيوفا آهي وقت جي ٽيل بيوفائي تي محمد علي ڇا ٿو لکي، اُهو به ڪمال جو آهي.

**هو به هاڻي خفا خفا آهي،**<br>
**وقت ڪيڏو نه بيوفا آهي؟**<br>
**ڪوئي تنها هجي هجومن ۾**<br>
**هي به هڪڙي وڏي سزا آهي.**

زماني وارا تي هن کان سفا کي بيزار هئا، هوئين به مون ڪٿي پڙهيو يا ڪنن ٻُڌو آهي تي اڪثر ڪري لوڪ شاعرن کان بيزار هوندا آهن.
هو به محمد علي مان صفا کا بيزار هئي وقت تي هوئين به بيوفا آهي. ڪنهن جو انتظار ناهي ڪندو وقت هٿن مان نڪري ويندو، اُها بلڪل حقيقت آهي تي شاعر ماڻهن جي هجوم ۾ به پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندو آهي محمد علي جروار به ڪجھ اهڙي ڪيفيت مان گذريو آهي. جيڪو پنهنجي اهڙي ڪيفيت ڪتاب هجومن ۾ اڪيلائي ۾ بيان ڪري چُڪو آهي. هجومن ۾ اڪيلائي جي ارپنا پنهنجي پياري مويي ياءِ سائين ممتاز علي جروار کي ڪئي آهي، جنهن کي ڪچي شراب جي ڪاتي کهي ڇڏيو ٻيو هن پنهنجي همسفر يعني گهر واري زخسانه "گڏي" کي ڪئي آهي جيڪا 2011 واري برساتي ٻوڏ ۾ وڇڙي وئي جيڪا ڏُک سک حال حوالي وندڻ واري هئي. ٽيو هن ارپنا پنهنجي جيجل امڙ جي نانءِ ڪئي آهي .
محمد علي جروار جي ڪتاب جو مهاڳ نالي واري شاعر ايوب ڪوسي لکيو آهي ايوب جو لکيل مهاڳ به بار بار پڙهڻ جهڙو آهي. ايوب لکي ٿو تي محمد علي هڪڙو محبوب ماڻهو ۽ قومي نظريو رکندڙ دلبر انسان آهي هُن سماجي غليظ روين ۾ زندگي جو سفر ڪيو آهي.محمد علي جي ڪتاب تي تاثرات مظهر علي جروار، پنهنجي پاران محمد علي جروار بيڪ ٽائيٽل ماڪن شاهه رضوي لکيو آهي. ڪتاب هجومن ۾ اڪيلائي ڪنول پبليڪيشن قنبر طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

## "درد خوبصورت" جو سرجڻهار نياز راڄپر

هن دنيا جي گول داري ۾ هر ماڻهو هر شخص پنهنجي ڪم پنهنجي ڪردار سان سڃاتو وڃيٿو, انهي کان سواء هو ڪنهن اداري يا ڪنهن شعبي سان واڳيل هجي پنهنجي ڪم ڪار سان پاڻ نياءُ تي اُهو ماڻهو هميشه امر رهي ٿو.هن وقت مان پنهنجي نازق هٿڙن سان جنهن ادب دوست جنهن پياري شخص جو ذڪر ڪرڻ وڃي رهيو آهيان انهي لئه منهنجي قلم هن جي لفظ سان عشق تي ڪيو آهي,اُهو آهي "درد خوبصورت" ڪتاب جو سرجڻهار "نياز راڄپر" جنهن جو تازو ئي ڇپجي آيل ڪتاب "درد خوبصورت" اڄ منهنجي هٿن ۾ ڪنهن گلاب جي گلن جي ٽوڪري جيان پيل آهي سندس ڪتاب مون جڏهن مطالع ڪرڻ لئه کوليو ۽ سندس ڪتاب ڪي چمي پڙهڻ شروع ڪيم منهنجي اکين مان سچ ۾ لڙڪ لڙي پيا نياز راڄپر سان منهنجي روبرو ملاقات ڪڏهن بہ ناهي ٿي ساڻ فيس بڪ تي ڪوڙ ڪچهريون ٿيون آهن.
نياز سندس ڪتاب "درد خوبصورت" ۾ جنهن درد جي ڳالهہ ڪئي آهي اُهو درد نياز لئه ڪيڏو نہ خوبصورت آهي تڏهن تي سندس ڪتاب جو نالو ئي درد خوبصورت رکيو اٽسنياز راڄپر شاعري ڪهڙي ڪفيت ۾ سرجهائي آهي اُهو درد خوبصورت ڪتاب پڙهندڙ کي ئي پتو پوندو.سندس طرفان مون ڏي موڪليل تحفو ڪتانڪتان ٿي منهنجي هٿن تائين پهتو اُهو منهنجي خوش قسمتي هئي جو ڪتاب پيارن سجڻ جي هٿن جو سينگار بڻجي منهنجي هٿن تائين پهتو جتي هن وقت پرنٽ ميڊيا جو دور آهي هتي وري ادب ۾ ڪتابن ڇپجڻ ۾ وڏيڪ تيزي آئي آهي,هن وقت جڏهن پرنٽ ميڊيا پنهنجي عروج تي آهي هتي اسان کي وري شاعري جا گڏيل توڙي ذاتي شاعرن جي شاعري جا مجموعا وڏي انگ ۾ ملن پيا .نياز راڄپر جو تعلق محراب پور سان آهي.محراب پور جا ٻيا بہ ڪوڙ نالا آهن جن پنهنجي پاڻ ملهائڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي آهي.
سندس شاعري مان چوند:

**مون ڏسي ورتئي سجڻ صورت لڪائي ڇا ڪندين,**
**مون تہ دل توکي ڏني پر تون الائي ڇا ڪندين.**

**زندگي تنهنجي غمن ۾ مون گذاري آ ڇڏي,**
**سور دل جا هي اجا ٻيا تون وڌائي ڇا ڪندين.**

**وئي دنيا وسري جڏهن, ايندي اگڻ دلبر ڏنم!**
**پيو جيان ٿو جنهن سهاري سو جاني جگر ڏنم!**

نيار پنهنجي شاعري جي گلدستي جي ارپنا پنهنجي پياري پاءُ محترم حاجي پيارو خان راڄپر "مرحوم" جن کي ڪئي آهي جيڪو 19 مئي 2005 ع اسان کان وڇڙي ويو

مالڪ حقيقي سان مليو.نياز جي ڪتاب "درد خوبصورت" جو مهاڳ نالي واري شاعر ادب جي خادم لکيڪ "اقبال شاهين" لکيو آهي, سندس ڪتاب تي تاثرات محمد ٻارڻ, ناز نصر الله مهر پنهنجي طرفان نياز راڄپر بيگ ٽائيٽل وحيد محسن جن لکيو آهي. نياز جو ڪتاب چنڊ پبليڪيشن چوڏڳي طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

# اک نماڻي ڪجل سڏڪا تي هڪ نظر

نوجوان ٿهي جي ٻين شاعرن جيان هي نوجوان به پنهنجي قلم جي نوڪ سان پنهنجي احساسن کي اسان سيڪڙات نوجوانن کي ارپي رهيو آهي. اجان جڏهن سندس ڪتاب شايع نه ٿيو هيو تڏهن مون سان هن جو رابطو سوشل ميڊيا تان ڪهڙي ڳالهه ڪري ٿيو اُهو به ڪنهن کان لڪائي نٿو سگهان مون احسان آڪاش جي گڏيل ڪتاب "نند جا نيڻ" تي تبصرو لکيو هيو جيڪو هلال پاڪستان شايع ڪيو هيو انهي کان پوء اُهو ساڳيون تبصرو احسان آڪاش سندس ماهوار رسالي احساس ۾ شايع پڻ ڪيو هيو جنهن ۾ "علي عاجز شر "جي شاعري به شامل هئي جنهن تي مون به لکيو تي هن مون کي سوشل ميڊيا تان ڳولي لڌو منهنجو نمبر هٿ ڪري رابطو ڪيائين پوء چيان توهان تمام سٺو ٿا لکو منهنجي شاعري تي به تمام سٺو لکيو اٿو مان انهي لاء اوهان جو شڪر گذار آهيان. علي عاجز جڏهن مون سان مخاطب ٿيو انهي کان پوء علي عاجز سان مسلسل رابطي ۾ رهندو اچان. گذريل سال جڏهن علي عاجز جو ڪتاب "اک نماڻي ڪجل سڏڪا" شايع ٿي اسان پڙهندڙ جي هٿن تائين پهتو گهٽن کي تڏهن خبر پئي علي عاجز به شاعر آهي. سندس شان ۾ لکندي مون کي تمام ڏکيو لڳي رهيو آهي پر دل مجبور ڪري رهي آهي سندس شاعري سندس پهرين قلمي پورهئي تي ڪجهه لفظ لکان ڪوشش ڪيان پيو رب ڪاميابي عطا فرمائي.

علي عاجز شر سنڌ اندر نوجوان ٿهي جي اُڀري نروار ٿيندڙ نوجوان شاعرن مان هڪ آهي سندس طبعيت ٻين شاعرن کان الڳ ٿلڳ آهي پاڻ سادي سڀاجهڙي طبعيت جو مالڪ آهي سندس ادبي خدمتون ساراهه جوڳيون آهن ڪيس جس پيش ڪندو هلان سندس پهريون مجموعو اک نماڻي ڪجل سڏڪا هڪ اهڙي تجربي تي آڌاريل آهي جنهن جو عتراف سعيد سومرو پاڻ ڪري چُڪو آهي. هڪ وزن بحر ۾ لکيل 110 غزل هڪ وڏي ڪاميابي طرف سندس قدم آهن انهي کان اڳ سعيد سومرو جو ڪتاب اڌ خيال جي خاڪ ان ڪانسواء سائين سعيد ميمڻ جو طويل غزل وارو ڪتاب به ساڳين ئي وزن بحر تي سرجهايل آهي .

علي عاجز شر تمام سٺو ڪم ڪيو آهي سندس شاعري هر پهلو کان پڪي ۽ پختي آهي, علي عاجز ٻين صنفن تي به طبع آزمائي ڪري چُڪو آهي هن "اک نماڻي ڪجل سڏڪا" مجموعو ۾ هن جا رڳو غزل آهن بلڪ ساڳين وزن بحر تي آڌاريل آهن. انهي کان سواء مان هتي اهم ڳالهه هي به ڪندو هلان علي عاجز سنڌ ڌرتيء جو سچو شاعر آهي ڪيس هر وقت پنهنجي قوم جي هر فرد جو فڪر رهي ٿو سندس خون هر وقت پنهنجي سنڌ جي مظلوم ماروئڙن لاء ڪيس تپائندو رهي ٿو. تڏهن هڪ غزل جي سٽن ۾ چوي ٿو تي.

**ڪولبو ڪو ڪتاب ڌرتيءَ جو،**
**هاڻ ٿيندو حساب ڌرتيءَ جو.**

ڏسو ڪيڏو نہ فڪر اٿس پنهنجي مظلوم ماروئڙن جو جيڪي هر وقت باهہ جي ٻڻي ۾ پچندا رهن ٿا تڏهن ٻہ ڪين پنهنجا حق نٿا ملن سندس حقن حسابن جا ڪتاب کولڻ لاءِ ڪيترو نہ بيتاب آهي. ڪيس مان جس پيش ڪيان ٿو هُو هن مظلوم قوم لاءِ لکندو رهي ٿو.

**ساڀيان نيٺ هاڻ ماڻيندو،**
**آجپو ئي خواب ڌرتيءَ جو.**

علي عاجز شر پنهنجي ڌرتيءَ جي ساڀيان جا پنهنجي ڌرتيءَ جي ڏُتڙيل ماروئڙن جا خواب ساڀيان ٿيڻ جا سپنا سيني ۾ سانڍي سانڍي ڪيس قلم سان لفظ جي روپ ۾ پنهنجي احساسن کي پيش ڪيو آهي جيڪو ساراهہ جوڳو عمل آهي. سندس احساس ايترا تي پيارا آهن جن کي هر وقت مان پنهنجي زبان تي جهونگاريندو آهيان.

**هت ٻُرو آهہ حال هاريءَ جو،**
**سُور سارو ئي سالُ هاريءَ جو.**

مان اڳئي مٿي لکي آيو آهيان علي عاجز شر ڌرتيءَ جو سچو عاشق شاعر آهي ڪيس سنڌ جي مظلوم مارون هارين، ڏُکايل ماروئڙن سان عشق آهي ڪيس سندس ڏُکن جهوري ڇڏيو آهي، ڪيڏو نہ سندس هر غزل جي هر سٽ ۾ درد پريل آهي. جنهن ۾ هو حقيقت بيان ڪري رهيو آهي علي عاجز جي انهي سٽن منهنجي من کي تڙپائي وڌو آهي واقعي ۾ ٻہ اسان جي هارين جا برا حال آهن هن وقت فصلن جا اگهہ ناهن جيڪو هاري سڄو سال محنت ڪن ٿا ڪيس انهي محنت جو اجر نٿو ملي.

**ڇو سُڪايو اٿئي سنڌو، ظالم!**
**بس اُهو ئي سوال هاريءَ جو.**

اوهان انهي ڳالهہ کان واقف تي هوندا اسان جي سنڌ ۾ پاڻي جي شديد ڪوٺ آهي سنڌوءَ جيڪو اسان جو ساهہ آهي جنهن تي لکين جانيون پلبيون آهن، سنڌوءَ تي ملاحن جو گذران ٿيندو آهي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پاڻي پهچندو آهي جنهن کان محروم ڪيو پيو وڃي سنڌوءَ کي سڪائي هارينءَ مظلوم مارن سان ويساهگاتيون ڪيون پيون وڃن مگر ڪير ڪڇڻ وارو ئي ناهي.

علي عاجز شر جي هر غزل ۾ ڏُکن جو داستان آهي جيڪو بيان ڪرڻ ڪان مٿي آهي مان سندس ڪتاب جو مطالعو ڪري اکين مان لڙڪن جون قطارون لاڙي وينو آهيان سندس سچ تي لکيل غزل ڪيس سنڌ جو سچو سپاهي چوڻ تي مجبور ڪري رهي آهي. جن بہ نوجوانن هي ڪتاب ناهي پڙهيو اُهي "اک نماڻي ڪجل سڏڪا" ڪتاب جو دل سان مطالعو ڪن تي حقيقي سنڌ جي ڏکن سورن سنڌ جي ماڻهن سان ٿيندڙ ويساهگاتين جا حقيقي عڪس نظر ايندا علي عاجر جو هر غزل سنڌ جي مظلوم ماروئڙن جي حق ۾ آهي. انهي ڪان سواء علي عاجز شر پنهنجي ڪتاب ۾ "سيد اعظم" بشير خان سميت بين بہ تاريخي ڪردارن کي پنهنجي شاعري ۾ شامل ڪيو آهي جيڪو ساراهہ جوڳو عمل آهي.

"اک نماڻي ڪجل سڏڪا" جو مهاڳ ناميواري شاعر لکيڪ سيال حيات لکيو آهي. تاثرات ۾ آسي زميني, ايڊووڪيٽ محمد يعقوب ڏاهري, ۽ مختصر تاثرات مايا ساگر اوڏ, اصغر شر,آپا مريم مجيدي طرفان لکيا ويا آهن علي عاجز ڪتاب جي راپنا سنڌ ڌرتيء ۽ سنڌيء ٻولي ۽ سنڌ جي عاشقن کي ڪئي آهي جيڪي پنهنجون جانيون مٿيءَ ماءُ کي ارپي چُڪا آهن. "اک نماڻي ڪجل سڏڪا" ڪتاب نماڻين اکين مان وهندڙ لڙڪن ۽ سڏڪن تي سرجهايو ويو آهي هي ڪتاب ڪنول پبليڪيشن قنبر طرفان ڇپرائي پڌو ڪيو ويو آهي.

# ڪتاب اهڙا جن اهڃاڻ تي رايو

سڀ ڪان پهريان مان دل سان ٿورائتو آهيان پنهنجي محبوب قابل احترام سائين محمد منل جسڪاڻي جو جنهن فقير سليمان لغاري جو مرتب ڪيل ڪتاب مون ڪي تحفو طور ڏئي فقير بشير احمد لغاري جهڙي انمول شخص بابت زبردست ڄاڻ رکڻ جو موقعو ڏنو. اول مون ڪي فقير بشير احمد لغاري بابت ڪا به ڄاڻ ڪان هئي, فقير بشير احمد بابت ڄاڻڻ لاء "اهڙا جن اهڃاڻ" ڪتاب منهنجي لاء ايترو ضروي هيو جيئن ننڍڙي ٻار ڪي ريجهائڻ لاء ڪو رانديڪو هوندو آهي. منهنجو جڏهن ڪان ادبي ڪتابن سان لڳاءُ ٿيو تڏهن ڪان ڪوشش ۾ آهيان تي سنڌ جي مختلف ادبين بابت ڄاڻ هٿ ڪيان انهن بابت ڪجھ نہ ڪجھ لکان. پر اُها سيئي ڄاڻ هٿ ڪرڻ لاء هڪ تي وقت ۽ ٻيو وڌ ڪان وڌ مطالعي ۽ مشاهدي جي ضرورت آهي .

ڪتاب "اهڙا جن اهڃاڻ" جڏهن منهنجي هٿن تائين پهتو تڏهن آرام سان ويهي ڪتاب پڙهڻ بجاء ڪتاب يڪدم ڪولي پڙهڻ شروع ڪيم ڪتاب جو مطالعو جيئن شروع ڪان ڪرڻ شروع ڪيم منهنجو عقل دنگ رهجي ويو هن ڪتاب ڪي پڙهڻ سان منهنجي لاء ڄاڻ جو خزانو نڪري پيو فقير بشير احمد لغاري بابت مونڪي ڪا ڄاڻ نہ هئي پر جڏهن فقير سليمان جي مرتب ڪيل ڪتاب جا صفحا ڪولندو ويس پڙهندو ويس ڄاڻ جو هڪ وسيع سمنڊ وهي پيو.

"اهڙا جن اهڃاڻ" ڪتاب ٻن حصن تي سرجهايل آهي هڪ حصي ۾ فقير سائين جي شخصيت تي لکيل سنڌي جي مختلف اديبن جا مضمون آهن ٻئي حصي ۾ وري فقير بشير احمد جي سندن ڪتاب "پورب منهنجو پنڌ" ۾ جيڪي مضمون رهجي ويا هئا اُهي شامل ڪيا ويا آهن .حصي پهرين ۾ فقير سائين جي شخصيت بابت جيڪي لکيل ويچار آهن اُهي سنڌ جي ناميواري اديبن ليکڪن جا آهن جن ڪي فقير بشير احمد بابت وڌيڪ ڄاڻ هئي جيڪي فقير سائين سان مختلف وقتن مخلتف محفلن توڙي فقير سائين بابت ڄاڻ رکندا هئا .

اُهي سيئي شخص فقير بشير احمد بابت مختلف رايا لکن ٿا. انهيء مختلف رايا پڙهڻ ڪان پوء جيڪي اُهو ثابت ڪن ٿا تي فقير بشير احمد لغاري سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهڙو بابت هيو جيڪو ڪي ورهين ياد رهندو سندس علم عقل ڏاهپ ۽ تحقيق ۽ ادبي خدمتون سنڌي ادبي حلقن توڙي سنڌ جي تاريخ ۾ ياد رکيون وينديون.فقير بشير احمد جي شخصيت تي جن پنهنجا ويچار لکيا تن ۾ ڊاڪٽر قادر بخش مگسي, محمد خان ملڪاڻي ,خليل ڪوسي, عثمان راهوڪڙو, اڪرم قمبراڻي, شبير لغاري, منل جسڪاڻي, فقير سليمان لغاري, عمر احمداڻي, محب ڀيل, عبدالخالق مهر, علي جان لغاري زاهد ڪنڀار جا مضمون ۽ سائين منل جسڪاڻي جو فقير بشير احمد ڪان ورتل انٽر ويو بہ

هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ۽ انهي ڪان علاوه فقير بشير احمد جا بقايا مضمون جيڪي ڪتاب پورب منهنجو پنڌ" ۾ شايع ٿيڻ ڪان رهجي ويا هئا اُهي شامل ڪيا ويا آهن. "زبان" الحاج حضرت مولانا عبدالرحيم لغاري" تعليم" فن موسيقي" سُر مائي" ايم مصري راجا جون ادبي خدمتون"زاهد ڪنڀار" ۽ سخي مرد جهڙا خوبصورت مضمون هن ڪتاب جو حصو آهن ٻين ادبي ڪتابن ڪان "اهڙا جن اهڃاڻ" هڪ الڳ ۽ منفرد ڪتاب آهي.

فقير بشير احمد جو جنم فيبروري 1945ع ۾ ضلع ميرپور خاص جي تعلقي ڏگهڙي جي مشهور ڳوٺ غلام علي لغاري ۾ ٿيو. پاڻ ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان تعليم حاصل ڪيائين بعد ۾ گورنمينٽ هاء اسڪول ڏگهڙي مان حاصل ڪيائين فقير انٽر ڏگري ڪاليج ٽنڊو جان محمد مان ڪئي ۽هتان ئي 1970 ۾ بي اي آنرس جي ڏگري حاصل ڪيائين جنهن ڪان پوء فقير سائين سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي انٽر نيشنل رليشن( بين الاقوامي تعلقات) جي شعبي ۾ 1974 ۾ ڪيائين. فقير بشير احمد جون ادبي خدمتون بہ تاريخ ۾ ياد رکيون ويندون. فقير بشير احمد پنهنجي نالي سان پنهنجي ڳوٺ ۾ لائبريريء قائم ڪئي, پير سائين پاڳاري وارن سان ويجهو تعلق هجڻ ڪري سندس لائبريريء جو افتتاح بہ پنهنجي مرشد پير سائين پاڳاري شاهہ مردان شاهہ ڪان ڪرايائون سندس لائبريريء ۾ لڳ ڀڳ 20 هزار ڪتاب موجود آهن. فقير بشير احمد سنڌ جو بهترين قلم ڌڻي تحقيقدان, دانشور ۽ تاريخدان هيو. پاڻ سنڌ جي مختلف ٽيندڙ پروگرام ۾ سندس لکيل مقالا پڻ پڙهيا هيا. سندس هڪ ڪتاب "پورب منهنجو پنڌ" شايع ٿي اسان جي هٿن ۾ آهي سندس رهيل مواد پڻ شايع ٿي جلد اسان جي هٿن ۾ هوندو.

"اهڙا جن اهڃاڻ" ڪتاب جو مهاڳ منهنجي محبوب سائين محترم منل جسڪاڻي صاحب لکيو آهي بہ اکر مُشير لغاري ۽ مرتب پاران فقير سليمان لغاري اداري طرفان محب ڀيل پُراڻ پبليڪيشن جهڏو طرفان هن ڪتاب کي گلدستي جيان سينگاري اسان پڙهندڙ اڳيان پيش ڪيو آهي. هي ڪتاب فقير بشير احمد جي لائبريريء ۽ فقير سائين جي ذاتي زندگي فقير سائين جي ادبي خدمتن جو واضع ثبوت آهي, جن بہ دوستن هن ڪتاب جو مطالعو ناهي ڪيو اُهي ضرور ڪن. مون هن ڪتاب تي جيڪو ڪجهہ لکيو اُهو شال قبول پوي فقير بشير احمد لاء دعاڳو رهندس رب پاڪ ڪيس جنت ۾ جايون عطا فرمائي آمين.

# مون سارينديءَ سپرين جو سرجڻهار وفا صالح راڄپر

هر ليکڪ هر شاعر هڪ سنو تخليقڪار تڏهن ٿيندو آهي جڏهن ٻئي شخص جي تخليق جو مطالعو ڪري مان ٻه انهن اٽڳٽين تخليقڪار مان هڪ آهيان. جن کي هميشه ٻئين شاعر جي تخليق کي پڙهڻ جو شوق ٻه آهي ته پاڻ کي لکڻ جو شوق ٻه انهي ٻنهي شوقن مان مون کي پڙهڻ توڙي لکڻ جو ٻه تمام گهڻو شوق آهي خير اڄ جنهن تخليقڪار تي لکي رهيو آهيان اُهو مون روبرو ڪڏهن ناهي ڏٺو نه وري سندس تخليق ڪتي ڪنهن اخبار وغيره ۾ پڙهي اٿم نه سوشل ميڊيا تي هن کي ڏٺو اٿم.
انهي تخليقڪار تي ڪجهه لکڻ کان اڳ مان سندس تعارف ضرور ڪرائيندو هلان ڇو هن کي نوجوان ٿهي جا لکندڙ اڪثر گهٽ سڃاڻ هوئين ته هو پنهنجو مٽ پاڻ آهي.جنهن شخص جو آئون اوهان سان ذڪر ڪيان پيو اُهو آهي وفا صالح راڄپر جنهن جو تعلق تعلقه ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻي سان آهي. ياد رهي اڳ ٻه لاڙڪاڻي ضلع ڪيترين ئي انمول شخصيتن کي جنم ڏنو آهي. وفا صالح تمام سنو تخليقڪار آهي هن شاعري ۽ نثر ۾ پاڻ مڃرايو آهي. سندس مضمون ۽ خاڪن تي مشتمل هڪ انمول ڪتاب "مون سارينديءَ سپرين" منهنجي هٿن ۾ آهي جنهن ڪتاب ۾ هن مختلف شخصيت تي لکيل خاڪن سميت ٻيا ٻه ڪارائتا مضمون شامل ڪيا آهن.
هوئين ته وفا صالح راڄپر ڪهاڻي جو ديوانو آهي يعني بنيادي طور هو هڪ ڪهاڻيڪار آهي جنهن کان پوءِ هن کي سنو شاعر ٻه ڪوني سگهجي ٿو. وفا صالح راڄپر جو ڪتاب "مون سارينديءَ سپرين" بيحد منفرد ڪتاب آهي جنهن ۾ وفا صالح راڄپر سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز سميت سنڌ جي انمول ڪردار تي تاثراتي مضمون ۽ مختلف ڪتابن تي رايا ۽ ٻيا اهم مضمون شامل ڪيا آهن.
وفا صالح راڄپر جو شيخ اياز تي لکيل مضمون ٻه ڪتاب جي سونهن ٻٽيل آهي جنهن ۾ وفا پيٽا طور لکيل مضمون ۾ لکي ٿو تي اياز جيڪو پنهنجي شاعري وسيلي جيڪو پيغام جيڪو فڪر ڏنو اُهو وقت حالات جي دز ڪڏهن ٻه لٽي نٽي سگهي اياز ڪالهه ٻه امر هيو اياز اڄ ٻه امر آهي اياز رهڻو ٻه امر آهي. شيخ اياز سنڌ ڌرتيءَ جو مهان ڪوي هيو سنڌي ٻولي سميت سندس ڏنل خدمتون ڪڏهن نٽون وساري سگهبيون.سنڌي ڪهاڻي کي جيئدان ڏيندڙ محمد صديق منگيو تي لکيل مضمون ٻه پڙهڻ وٽان آهي جنهن ۾ وفا محمد صديق منگيو جي ڪتابن جو جائزو پيش ڪيو آهي. تنهن ڪانسواءِ راجن مگريو جي ڪهاڻين جي ڪتاب "روين جو چهرو" تي تنقيدي جائزو پڻ پيش ڪيو آهي جنهن تي وفا راجن مگريو جي ڪهاڻين ۾ فني ۽ فڪري پهلوءَ تي پنهنجي راءِ ڏني آهي.يوسف سنڌي جي شخصيت تي لکيل خاڪو ٻه تمام سنو آهي اڪثر ڪري ڪنهن شخص جي شخصيت تي لکڻ تمام ڏکيو ڪم هوندو آهي يوسف

سنڌي واقعي ۾ به گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي جنهن تي وفا جو لکيل مضمون به دلچسپ آهي.
مشتاق پرڳڙي تي لکيل خاڪو به پڙهڻ وٽان آهي. مشتاق جو تعلق منهنجي محبوب جي شهر سان آهي خطن ۾ مون کي ڳولجان جهڙي بهترين عنوان سان مشتاق تي لکيل خاڪو به بهترين آهي. وفا ۽ مشتاق پاڻ ۾ جڻ سڳن ڀائرن وانگر هئا اُهو اندازو مون کي وفا جي لکيل خاڪي مان محسوس ٿيو هنن جو پاڻ ۾ وڏو عشق هيو. جتي مشتاق جو ذڪر ٿيو اُتي ڪجهه ڏينهن اڳ سوشل ميڊيا تان خبر پئي تي عامر خان جي مشهور فلم پي ڪي مشتاق پرڳڙي جي ڪهاڻي مسٽر پي ڪي ۽ اسلام ڪي پڙهي ڪري فلم رڪارڊ ڪئي وئي آهي.ذوالفقار گاڏهي جي شاعري تي لکيل مضمون به سٺو آهي جنهن وفا ذوالفقار کي سنڌي شاعري جو روشن ڏيئو به ڪوٺي ٿو سندس شاعري تي پنهنجا ويچار به لکي ٿو.
فياض چنڊ ڪليري جي جنم ڏڻ جي حوالي سان لکيل مضمون به مون سارينڊي سپرين ڪتاب جو حصو آهي. فياض چنڊ ڪليري جو جنم يومي نواب شاهه آهي وفا اخر ۾ لکي ٿو نواب شاهه واسي وڏا خوش نصيب آهن جو فياض چنڊ ڪليري جو جنم نواب شاهه ۾ ٿيو 29 اپريل نواب شاهه جي ماڻهن لاء تاريخي ڏينهن آهي.غمزده سومرو جي شخصيت ۽ سندس شاعري تي لکيل مضمون به بهترين مضمون آهي غمزده جو تعلق شهيدن جي شهر لاڙڪاڻي سان آهي لاڙڪاڻي ضلع ڪوڙ انمول شخصيتن کي جنم ڏنو آهي تن مان ڪهڙن جا نالا ڪٽي ڪهڙن جا ڪٽا جنهن جو نانء ڪٽندس اُهو شخص پنهنجي پاڻ هڪ الڳ مقام رکي ٿو. غمزده جو تعلق به ساڀين شهر سان آهي ساڀين طرح وفا صالح جو تعلق به لاڙڪاڻي ضلع سان آهي غمزده جي شخصيت توڙي غمزده جي شاعري تي لکيل مضمون ٻين مضمون کان منفرد آهي.
لاڙڪاڻي ضلع جي بيباڪ صحافي ۽ سُنڄي شاعر شان ڏهر جي قتل تي لکيل مضمون پڙهڻ لائق آهي مون جڏهن پڙهيو اکين مان لڙڪ لڙي پيا شان تي تعزيتي مضمون پڙهي ائين محسوس ٿيو اسان جي نوجوان جي ائين مري وڃڻ جڻ ڪنهن لاء ڪو مسئلو ئي ناهي.تنهن ڪانسواء سنڌ ڌرتيء جي ٻين به انمول ڪردارن تي بيحد ئي منفرد مضمون پيش ڪيا آهن جيڪي پڙهڻ واٽان آهن. وفا صالح راڄپر جو نثر به تمام پڪو ۽ پختو آهي سندس ڪهاڻيون توڙي ڪالم تبصرا وغيره بيحد منفرد آهن سندس ڪتاب "مون سارينڊي سپرين" بيحد منفرد ڪتاب آهي جنهن ۾ شامل خاڪا ۽ مضمون دلچسپ آهن.
اڪثر ڪري هر ليکڪ جو پنهنجي لکڻ جو هڪ انداز هوندو آهي ڪو ليکڪ ڪيئن ٿو لکي تي ڪو وري ڪيئن ٿو لکي انهي ليکڪن جيان وفا صالح راڄپر جو به لکڻ جو هڪ الڳ انداز آهي هو پنهنجي قلم سان اهڙا تي احساس لکي ٿو جو پڙهندڙ پڙهندو ئي رهجي وڃي ٿو.مضمون ۽ خاڪن سان سينگاريل وفا جو هي ڪتاب جڏهن منهنجي هٿن تائين پهتو مون کي به دلي اتساهه اُڀري نروار ٿيو ته مان به ڪو مضمون

۽ خاڪن تي ڪتاب آڻيان جيڪو ادبي ميدان ۾ منهنجو پهرين ادبي پورهيو هجي. برحال نيت ڪڏهن اُها اميد به پوري ٿي ويندي.

ڪتاب مون سارينڊي سپرين جو مهاڳ معشوق ڏاريجو پنهنجي پاران وفا صالح راڄپر فليپر حبيب ساجد ۽ عيسي ميمڻ ۽ بئڪ ٽائيٽل معصوم بخاري لکيو آهي هن ڪتاب جي ارپنا وفا صالح راڄپر سندس والد محمد عثمان ۽ پنهنجي پيئرن محمد طاهر، الله بخش، ۽ رجب علي جي نانءَ ڪئي آهي. هي ڪتاب سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري طوفان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

# اقبال بلوچ جي ڪتاب "جيئڻ جنين ڪاڻ" تي تبصرو

موجوده دور ۾ مختلف اخبارن رسالن ڪهاڻي جي ڪتابن جي شايع ٿيڻ ڪانپوءِ منهنجي ذهن ۾ اُهو سوال پيدا ٿئي ٿو تي هن وقت ڪهاڻي جي ڪوٽ بلڪل بہ ناهي.ڪجھ وقت کان منهنجي ڪنن توڙي مختلف ڪتابن ۾ پڙهڻ ڪانپوءِ منهنجي ذهن بہ اُهو گُمان پيدا ٿيو هيو شايد ايندڙ وقت ۾ ڪهاڻين جي شديد ڪوٽ ٿيندي.پر جڏهن مختلف وقتن تي ڪهاڻين جي ڪتاب توڙي رسالن ۾ اخبارن ۾ ڪهاڻين جو شايع ٿيڻ اُنهي ڳالھ جو واضع ثبوت آهي سنڌي ادب ۾ ڪهاڻين جي ڪنهن بہ قسم جي ڪوٽ ناهي.

ڪهاڻيڪار لکندڙ گهٽ تي سگهن ٿا پر ڪهاڻين جي ڪوٽ هجڻ وارو گمان نٿو ڪري سگهجي اسان اُهو سڀ ڪجھ تڏهن چئي سگهون ٿا تہ جڏهن ڪهاڻيڪار ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏين تڏهن ڪهاڻين جي ڪوٽ واري ڳالھ واضع ڪري سگهجي ٿي .ڪجھ وقت کان اُها ڳالھ منهنجي ڪنن تي گونجي رهي هئي جيڪا اڄ هن نسبت سان هتي دوستن اڳيان پيش ڪندو هلان منهنجي انهي ڳالھ کان ڪئي ماڻهو انڪاري بہ هوندا سي پلي هجن.

بحرحال مون جڏهن اقبال بلوچ جو ڪهاڻين جو ڪتاب "جيئڻ جنين ڪاڻ" پرهڻ شروع ڪيو تنهن ڪانپوءِ ڪهاڻين جي ڪوٽ وارو گمان گهٽ تي ويو پنهنجي منهن گهري سوچ ۾ گم تي ويس سوچڻ لڳس ڪهاڻين جي ڪوٽ واري ڳالھ ڪندڙ ڪهڙي حساب سان ڪهاڻي جي ڪوٽ واري ڳالھ پيا ڪن.جيئڻ جنين ڪاڻ" بهترين ڪهاڻين جو مجموعو آهي جنهن ۾ مختلف وقتن تي مختلف پلهون تي لکيل ڪهاڻيون شامل آهن. ڪهاڻين جي ڪوٽ محسوس ڪندڙماڻهواقبال بلوچ جوڪتاب "جيئڻ جنين ڪاڻ" جو مطالعوضرورڪن جنهن ۾اقبال بلوچ جون دلچسپ ڪهاڻيون شامل آهن.

اڌڙوٽ دوست, اڌورا خواب, پيار جي ورهاست, جيئڻ جنين ڪاڻ, تسبيح مٽيادار, دفن ٿيل راز, مري جيئاري ويو, نينهن نپايا جوين تون (سرائيڪي ڪهاڻي) ماڻهو جو ٻچو, ۽ شهر جي هڪڙي ڇوڪري سميت 32 ڪهاڻيون هن ڪتاب جو سينگار بڻيل آهن.ڪهاڻين جي ڪوٽ جا ديويدار منهنجي هن مضمون کان انڪاري ڇو نہ هجن پر پوءِ بہ مون کي موجود دور ۾ ڪهاڻين جي ڪوٽ واري شدت محسوس نٿي ٿئي. مختلف وقتن تي ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ٿي پڙهندڙ جي هٿن جو سينگار بڻجي رهيا آهن.

پر هتي صرف ضرورت انهي ڳالھ جي آهي تي شاعري جي پيٽ ۾ ڪهاڻين جا ڪتاب گهٽ لکيا وڃن ٿا ڪهاڻي جا ڪتاب صرف انهي ڪري گهٽ شايع ٿين ٿا جو ڪتابن جا خريدار تمام گهٽ ٿي ويا آهن.موجود دور ۾ نوجوان ٿهي جا ڪهاڻيڪار پنهنجي وس آهر ڪجھ نہ ڪجھ لکي رهيا آهن پر انهن کي اوتري موٽ نہ پئي ملي جنهن ڪري هو مايوس تي رهيا آهن. اقبال بلوچ جو ڪتاب "جيئن جيئڻ ڪاڻ" جي مطالعي

ڪانپوء پنهنجي طرفان ٻه اکر لکي رهيو آهيان جيڪي قابل قبول پون. اقبال بلوچ مون کي جڏهن ڪتاب سوکڙي ڪري موڪليا تڏهن مون کي بيحد خوشي ٿي.
اقبال بلوچ ڪتاب "جيئڻ جنين ڪاڻ" جي ارپنا سندس والد سندس جيون ساٿياڻي (زال) ۽ سندس پياري پُٽ سرواڻ جي نانء ڪئي آهي .اقبال جي هن ڪتاب جو مهاڳ محترم زيب نظاماڻي صاحب لکيو آهي جيڪو رايو منهنجي محبوب سائين منل جسڪاڻي لکيو آهي تنهن ڪانسواء تلهار جو قابل فخر فرزند ناصر بلوچ صاحب جيڪو اقبال بلوچ جو وڏو ڀاءُ آهي. ۽ بئڪ ٽائٽيل مدد علي سنڌي لکيو آهي اداري طرفان ساجد سنڌي ۽ هي ڪتاب سمبارا پبليڪيشن طرفان ڇپرائي اسانجي هٿن جو سينگار بڻايو ويو آهي.

# ڪتاب "ڪامريڊ هوچي منهه" جو سرجڻهار ايشور لال

سڀ ڪان پهرين جس هجي سنڌ جي باذوق نوجوانن کي جيڪي پنهنجي انتهائي مصروف وقت مان ڪجهه گهڙيون ڪڍي ادبي ڪم لاءِ پاڻ جاکوڙي رهيا آهن.سندن ادبي دنيا ۾ اُهي خدمتون هن وقت ڀلي نه به قبول ٿين پر اڳتي هلي سندن لاءِ بيحد ڪارائتيون ثابت ٿينديون. موجوده دؤر ۾ نوجوانن جي لکڻ جو سلسلو وسيع نظر اچي رهيو آهي.انهن نوجوانن جي رڳو همت افزائي ڪئي وڃي ته هُو سڄي دنيا ۾ سنڌي ٻولي جو پيغام با آساني پهچائي سگهن ٿا، پر افسوس انهيءَ ڳالهه جو آهي ته سندن همت افزائي ڪرڻ بجاءِ ڪين ڏڪا ۽ ٿاٻا ڏنا پيا وڃن.

موجوده دؤر ۾ جن ادبي ڪيتر ۾ پنهنجو نانءُ پاڻ پنهنجي جاکوڙ سان مڃرايو آهي، انهن ۾ منهنجي سنڌ جو جاکوڙي نوجوان "ايشور لال سُوجاڻي" پڻ هڪ آهي. سندس تعلق ٿرپارڪر جي تاريخي ڳوٺ آڏيگام سان آهي. هيءُ نوجوان موجوده وقت ۾ حيدر آباد ۾ رهي ڪري پنهنجي تعليم سان گڏ علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. ڪجهه ڏينهن پهرين هن "ڪامريڊ هوچي منهه" جي شخصيت ۽ جدوجهد "زان لاڪوتيور" جو ڪتاب سنڌي ٻولي ۾ ترجمو ڪيو آهي، جيڪو بيحد دلچسپ ڪم آهي.

ڪامريڊ هوچي منهه ڪڏهن ۽ ڪٿي جائو سندس جنم ٿيڻ کانپوءِ سندس مٿان ڪهڙي ذميواري پئي جو هُو پنهنجي ڌرتيءَ ويٽنام لاءِ نڌڙي هوندي کان ئي جدوجهد شروع ڪئي؟ويٽنام جي ڌرتيءَ جي آزادي لاءِ ڪامريڊ هوچي منهه جي ڪارڪردگي مان ديس ڌڻي ڪيترا مطمئن هئا؟ ڪامريڊ هوچي منهه پنهنجي ڌرتيءَ جي آزادي ۽ پنهنجي ويٽنامي قوم کي آزادي ڏيارڻ لاءِ ڪيتري جدوجهد ڪئي؟ انهيءَ بابت سڄو احوال ڪتاب "ڪامريڊ هوچي منهه" ۾ ترتيب سان ڏنل آهي.

هيءُ ڪتابڙو نه بلڪه هڪ وڏو ڪتاب آهي. ڪتاب جا صحفا گهٽ وڌ ڏسي ڪتاب کي ڪتابڙو چوڻ بجاءِ ڪتاب ۾ لکيل مواد کي ڏسجي جيڪو تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. انتهائي وڏي جاڻ ڏيندڙ هن ڪتاب کي ڪتابڙو نٿو ڪوٺي سگهجي. ويٽنام جي ڌرتيءَ، هوچي منهه جي شخصيت ۽ ويٽنام جي ڌرتيءَ لاءِ ڪيل هوچي منهه جي تاريخ ساز جدوجهد جي حوالي سان بيحد ڪارائتو ڪتاب آهي.

ڪنهن ملڪ، ڪنهن ڌرتيءَ تي آزادي جا خواب گهر ويني بنا ڪنهن تڪليف بنا ڪنهن جدوجهد جي نٿا ڏسي سگهجن. ڪامريڊ هوچي هڪ عام ماڻهو هيو جنهن کي پنهنجي گهران ڌرتيءَ جي جدوجهد لاءِ سبق سيکاريو ويو. پوءِ اُهو هوچي جڏهن سمجهه ڀريو ٿيو ته پنهنجي ڌرتيءَ جي گوريلن سان گڏجي ڌرتيءَ جي بقا، ڌرتيءَ جي آزادي، ويٽنامي قوم کي غلامي کان نجات ڏيارڻ لاءِ فرانسيسي ڏاڍ اڳيان بنا ڪنهن جهڪڻ تي آزاديءَ جو نعرو هڻي نڪري پيو.

اُهو هوچي ويٽنامي قوم جو چاچو هوچي ٻڌجي ديس ڏٽين لاءِ بقا جي جنگ جو اعلان ڪري فرانسيسي غلامي خلاف بغاوت جو جهنڊو لهرائي باهه جيان پڙڪي اُٿيو.اڄ تڏهن ته سندس نام نشان اٿس، قومن ۽ ڌرتيءَ لاءِ جيڪي وڙهندا آهن، انهن جا نالا هميشه ياد رکيا ويندا آهن. انهيءَ مان هوچي منهه جو نالو اڄ سڄي دنيا ۾ ڳائجي رهيو آهي.

"ڪامريڊ هوچي منهه" جي جدوجهد ۽ شخصيت جي حوالي سان زان لاڪوتيور هيءُ ڪتاب لکي ڪري غلام قومن کي پيغام ڏنو آهي ته اوهان ٻين جي غلامي ڇڏي پنهنجي وطن لاءِ سڀ ڪجهه ڪري سگهو ٿا.

انهي ساڳين ڪتاب کي ايشور لال سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، جيڪو انتهائي بهترين ڪم آهي. دنيا ۾ اڳ به اهڙا ڪردار موجود هئا، هن وقت به موجود آهن پر خبر ناهي غلامي جي جار ۾ ڪيئن ڦاسي پيا آهن يا صرف پنهنجي مفاد خاطر چُپ آهن.

اِيشور لال جو ترجمو ڪيل هيءُ ڪتاب پارڪر پبليڪيشن آڏيگام طرفان شايع ڪري پڙهندڙن کي ارپيو ويو آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ سنڌ جي اعليٰ درجي جي نوجوان رمتا جوڳي ليکڪ جيڪو پاڻ پنهنجو نالو ادبي دنيا ۾ مڃرائي چُڪو آهي، اُهو طوائف ناول جو سرجڻهار ڪامريڊ سليم جمالي لکيو آهي. پنهنجي پاران ايشور لال هن ڪتاب جي ارپنا هر ان باضمير شخص جي نالي ڪئي آهي جيڪو غلامي ڪان نفرت ڪري ٿو ۽ مزاحمت ڪندڙ آهي.

هن ڪتاب جي قيمت اوهان جي ڪيسي ۾ پيل سئو ويهه روپيه آهي، جيڪا يقينن سان اوهان وٽ هوندي. اميد ڪيان ٿو سنڌ جي انهيءَ باشعور دوستن ڪان جيڪي ايشور لال سُوجاڻي جو ڪتاب ڪامريڊ هوچي منهه خريد ڪري پاڻ پڙهندا، پنهنجي دوستن کي پڙهائيندا، ڪامريڊ هوچي جي شخصيت توڙي ويٽنامي قوم جي ڪيل جدوجهد کي چڱي طرح سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا.اميد ته هيءَ منهنجا لکيل لفظ اوهان کي ضرور پسند ايندا.

## ڪتاب "تنين کي تعليم جي" تي هڪ نظر

سنڌ اندر مختلف وقتن تي مختلف موضوعن تي ڪيترا ئي ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن جيڪو تمام سٺو ۽ اهم قدم آهي سنڌ اندر اهڙن ڪمن جو اجان بہ واڌارو ٿيڻ گهرجي.هن وقت مان جنهن موضوع تي ڳالهڻ وڃي رهيو آهيان اُهو اسان سڀني لاءِ لازم موضوع تعليم آهي تعليم تي تمام گهٽ ڪتاب شايع ٿيا آهن. سنڌ اندر تعليم جي حوالي سان جيڪي ڪجھ لکبو تي سوين ڪتاب شايع ٿي سگهن ٿا ڇو جو هن وقت سندر اندر تعليم جي تباهي جا منظر ۽ تعليم جي تباهي ڪانپوءِ اسان مٿان واضع اثرات پيا آهن. جنهن تي ڳڻتي ٿي پئي آهي.
تعليم جي موضوع تي اگر ڪتابن جي ڳڻپ ٿيندي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ٿيندا ڇو جو تعليم تي بلڪل بہ گهٽ ڪتاب لکيا ويا آهن. اگر اڳ تعليم جي حوالي سان ڪي ڪتاب هجن ها تي هن وقت اسان لئہ ڪارائتو ثابت ٿئي ها بلڪہ تعليم بابت ڪجھ ڳالهي سگهجي ها. برحال جيڪو بہ ٿيو آهي انهي جي ذميوار نہ رڳو سنڌ سرڪار بلڪہ اسان بہ انهي ۾ برابر جا شريڪ آهيون اسان بہ انهي جا ڀاڱي ڀائيوار آهيون ڇو جو اسڪولن ۾ اسان جا ڀاءُ/ ڀينرون/ اسان جي گهرن جا ٻيا فرد بہ انهي اسڪولن ڪاليجن يونيورسٽين ۾ پڙهن ٿا جن ۾ هن وقت تعليم جو برو حال ڏسي اکيون آب هارڻ تي مجبور آهن.
خير مون هن وقت هڪ اهڙي ڪتاب جو مطالعو ڪيو آهي جنهن مان ڪتاب جي ليکڪ کي اتساهہ ڏيڻ سندس هن تخليق پورهئي تي جس پيش ڪرڻ لاءِ مون وٽ لفظ ناهن هئير جيڪو ڪجھ لکان پيو جيڪو ليکڪ کي قبول پوي. سنڌ جي تعليمي نظام کي نظر ۾ رکندي سرمد کوسي جيڪو تعليم بابت لکيو آهي ۽ جيڪي تجويزون پيش ڪيون آهن. اُهو يقينن هڪ ساراهہ جوڳو عمل آهي. موجود وقت سنڌ ڪيترين ٻين مسئلن جي ور چڙهيل آهي اُتي تعليمي نظام بہ اوترو ئي بگاڙ جي صورت ۾ نظر اچي پيو. بدين سميت سنڌ جي سمورن اسڪولن ۾ تعليم جو برو حال آهي اُهو انهي ڪري جو هتي اسڪولن ۾ سهولتون نٿون ڏنيون وڃن هر اسڪول ۾ ڪو نہ ڪو مسئلو آهي شاگردن کي پنهنجا مسئلا ڌار آهن جن مسئلن کي اسان کي گڏجي حل ڪرڻو پوندو.هاڻ اسان کي ڏسڻ گهرجي آخر هي ڪهڙا مسئلا آهن, جيڪي سنڌ حڪومت کان حل نٿا ٿين جنهن جي ڪري اسان جا نسلن جا نسل تباهہ ٿي رهيا آهن.
جيڪي سرمد جي ڪتاب ۾ شامل آهن انهي تي نظر ڦرائجي ڪهڙا آهن.
ڪتاب "تنين کي تعليم جي" چار حصن ۾ ورهايل آهي جنهن ۾ پهريون

**"مادري ٻولي تعليم ۽ٻار"**
هن حصي ۾ چوڏهين اهم ٽاپڪ شامل آهن جيڪي هي آهن

*اول ٻار جي نفسيات کي سمجهو, پوءِ ان کي پڙهايو
*ٻارن کي بنيادي تعليم مادري ٻولي ۾ ڏيڻ گهرجي

***فني تعليم جي اهميت**
***اسڪولن ۾ ڪيريئر ڪائونسلنگ جي اهميت**
***حڪومت کي تعليم جي بهتري لاء ڪجهه گذارشون**
***ماحولياتي تعليم جي اهميت جي اسان جو مستقبل**
***زراعت جي تباهي جي تعليم عمل تي اثر**
***ٻارن ۾ نوجوانن کي وطن سان پيار ڪرڻ گهرجي**
*** ٻارن کي پيار به ڏيو ۽ انهن جي عزت به ڪريو**
*** احساس جو موت**
***اسان جي نوجوانن کي پيش ايندڙ مسئلا**
***سرڪاري نوڪري کان سواء روزگار جا ذريعا**
***تعليم اڌ ۾ ڇڏي ويندڙ ٻار**
***روڊ حادثن جو شڪار ٿيندڙ معصوم شاگرد بابت سوچيو**

حصو ٻيو
**"تعليم ۽ هم نصابي سرگرميون"**
ٻئي حصي ۾ پنج اهم ٽاپڪ شامل آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا
*ڪاپي ڪلچر جا سبب ۽ ان جي خاتمي لاء تجويزون
*سائنس جي دور ۾ سائنس جي تعليم کان پري اسان جا تعليمي ادارا
*رياضي جو سبجيڪٽ شاگردن کي مشڪل ڇو لڳندو آهي؟
*تعليم ۾ نصابي ۽ هم نصابي سرگرمين جي اهميت
*تعليم جي ٻيڙي تارڻ بجاء ٻوڙڻ واري پاليسي!؟

حصو ٽيو
**"يونيورسٽيون مسئلا, صلاحون"**
*اعلي تعليمي ادارا شاگرد دوست ڪڏهن بڻجندا؟
اسان جي يونيورسٽين کي تحقيق تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي
*سنڌ يونيورسٽي جي پارٽ ڪنهن کي ڪجي؟
خودڪشيون ڪندڙ اسان جو مستقبل

چوٿون حصو
**"ٻري جن ٻاري"**
*اسان کي بهترين استادن کي مان ڏيڻ گهرجي
* شعور جو بنياد رکندڙ شخص خانبهادر مير غلام محمد ٽالپر

هي ٽوٽل اهم موضوع آهن جن کي پڙهڻ سان گڏ انهن تي سوچڻ ويچارڻ گهرجي هي مضمون اوهان کي ڪتاب "ٽنين کي تعليم جي" ۾ پڙهڻلاء ملندا جيڪي اوهان با آساني سان پڙهي سگهو ٿا تمام آسان ٻولي ۾ لکيل آهن. صفا سادن لفظ ۾ بيان ڪيل آهي ڪتاب ٽنين کي تعليم جي ڪتاب تعليم جي حوالي سان اهم ڪتاب آهي.

"ٽنين کي تعليم جي" ڪتاب جو مهاڳ انور ابڙو پنهنجي پاران سرمد کوسو اداري طرفان ڊاڪٽر آفتاب ابڙو صاحب لکيو آهي هي ڪتاب پيڪاڪ پبليڪيشن ڪراچي طرفان شايع ڪيو ويو آهي هي ڪتاب تعليم جهڙي اهم موضوع تي آهي.

# ڪاهي ويل ويهڻ جي تعلق فيض گنج جوادبي جائزو

سنڌي ادبي ڪيتر ۾ جيڪي نوجوان پنهنجي جوش جذبي ۽ ولولي سان ادبي ڪم ڪري رهيا آهن, تڏهن منهنجو من خوشي منجهان مهڪي پيو آهي. ۽ نوجوان ڪي جس پيش ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو آهي.
ڪنهن جو امانتي موڪليل ڪتاب علي عاجز شر ڪنهن شخصيت لاءِ سوڪڙي طور موڪليو هيو, جيڪي مان وقت سر نہ پهچائي سگهيس سوچيم جيستائين هي امانت مالڪ تائين پهچايان ڇو انهي کان اڳ مان هن ڪتاب مان پنهنجي من جي آگ اُجهائي وٺان. هن ڪتاب ڪي جيترو پڙهڻ جو شوق هيو, اوتري وري من اندر انهي ڪتاب تي ڪجهہ لکڻ جي آس پڻ هئي.
جيڪا اڄ پوري ڪندي ڪتاب جي ليکڪ ڪي نماڻو عرض بہ ڪندو هلندس ڪتاب جي ڪاپي منهنجي لاءِ الڳ سان موڪلي وجي جيئن مان هن ڪتاب مان فائدو وٺان پر منهنجي خاندان جو هر هڪ فرد توهان جي ڪتاب ڪي پڙهي تعلقي فيض گنج جي شاعرن ۽ ان جي ادبي جي خدمت ڪندڙ تخليقڪارن ڪي ڇڱي ريت سڃاڻي سگهن.
ڪتاب جو نانءُ "ڪاهي ويل ويهڻ جي" ڪيڏو نہ سهڻو نانءِ ڪتاب ۾ مواد بہ اوترو ئي سهڻو اڳتي لکندي مان اُهو ضرور لکندس هن ڪتاب ۾ شامل ادبي ماڻهو جيڪي گمناميءَ واري زندگيءَ ۾ رهي ڪري ادبي لڏي جي خدمت ڪندا آهن، انهن ڪي جس هجي.
اصغر شر نالي نوجوان سان منهنجي سوشل ميڊيا تان دوستي ۽ دعا سلام ٿي علي عاجز شر جي تسلسل سان اسان هڪبئي ڪي سڃاتوسين پر اُهو ساڳيون اصغر شر منهنجي لئہ ادبي لڏي ۾ منهنجو محسن ياءُ جيان هيو اسان جي روبرو ڪا ملاقات ناهي پر جڏهن رابطو ٿيو تہ مون ايئن سمجهو چڻ تہ اسان ڪي صدين جا دوست هجئون!!
خير، مون طرفان ڪيس ٻنهي هٿن سان سلام هجي, جو ڪن گمنام شاعر/فنڪار/سُگهڙن ۽ نثر نويس دوستن ڪي اُجاگر ڪرڻ ڪا آسان ڳالهہ ناهي.
فيض گنج جون اُهي گمنام شخصيتون جيڪي سوشل ميڊيا پرينٽ ميڊيا جي دور ۾ بہ گمنام لڳا پيا آهن انهن کان وجي ڪري سندن تعارف سندن شاعري سندن جنم سندن ڪم ڪار سندن مصروفيات وغيره پڇي سندن تعلقي فيض گنج جي ڪهڙن علائقن سان تعلق سندن ڪهڙي يوسين سان واسطو, سندن ادبي لڏي سان گڏ هلڻ/لکڻ جو وقت وغيره شامل ڪري انتهائي وڏو ڪم ڪيو آهي.
هتي مان پنهنجي طرفان بہ اصغر ڪي هڪ تجويز پيش ڪندس برحال منهنجي تجويز هاڻ تي ڪنهن ڪم جي ناهي پر اصغر جي ذهن ۾ هجڻ ڪپي اگر اصغر اڳتي وري انهي ساڳين موضوع تي تحقيق ڪري اُها تجوير سامهون ضرور رکي. جيڪي ڪتاب

جي مطالعي ڪانپوءِ ذهن ۾ اچي پئي هن ڪتاب ۾ جتي شاعرن/ سُگهڙن/فنڪارن/ نثر نويسن کي شامل ڪيو ويو آهي.
جتي تخليقڪارن جو تعارف شامل ڪري سندس هڪ هڪ تخليق ڪتاب ۾ شامل ڪئي آهي هتي اگر شاعرن فنڪارن سُگهڙ نثر نويس دوستن کان انهي ادبي لڏي بابت ڪي خيال يا فنڪارن جو موسيقي پاسي لاڙو ڪئين ۽ ڪهڙن سبب جي ڪري ٿيو؟ هن معاشري مان مليل ڪهڙن ڏکن کي منهن ڏيندي انهي شعبي ۾ داخل ٿيا , انهيءَ بابت اگر اصغر ٿورو گهڻو حوال لکي ها ته هي ڪتاب اجان به سگهارو ٿي پوي ها.
برحال اُها منهنجي خيال، منهنجي ذهن جي تجويز آهي, ليڪڪ دوستانهيڪمسانئياءُ ڪندي ڪهڙين تڪليفن کي منهن ڏنو هوندو اُها صرف انهي کي خبر هوندي. پياري اصغر کي جس هجي جنهن پنهنجي طرفان پنهنجي وس آهر وڏي ڪوشش ڪري پنهنجي مصروف وقت مان ڪجهه گهڙيون ڪڍي ڪري ادبي لڏي کي هڪ انتهائي ڪارائتي ڪتاب جو واڌارو ڪري ڏنو آهي.
اوهان جي نظر ۾ هي ڪتاب ڀلي ڪا به اهميت نه رکندو هجي پر هي ڪتاب تاريخ بڻجي چُڪو آهي هن وقت انگن اکرن ۾ خبر پئجي چُڪي آهي ته تعلقه فيض گنج ۾ ڪيترا گمنام تخليقڪار, فنڪار,نثر نويس سُگهڙ آهن. جيڪي هن جديد دور ۾ به پنهنجي من جي ڳالهه صرف ۽ صرف پنهنجي من جي دائري ۾ قيد ڪري رهيا آهن. ظاهر نٿا ڪن. تن جا نانءَ اوهان سڀڻن سان ونڊ ڪندو هلان ڪي نانءَ اوهان ڪي نوان ته ڪي وري ڄاتل سڃاتل لڳندا.هي اُهي نانءَ جيڪي ڄاتل سڃاتل شاعري جي دنيا ۾ پنهنجون پنهنجون تخلقون گلدستن جيان سينگاري توهان اسان اڳيان پيش ڪيون. تن منجهان ڪي حال حيات ته ڪي وري هي جهان ڇڏي چُڪا آهن.

**شاعر:**

آديسي محمد عيسي, آصف گل, اداسي علي احمد, اضعر شر, افضل شر, امداد علي احساس, امر شر, امن آزاد مانجهي, خاموش خليل, خوش خير محمد هيسباڻي, در محمد در لعل هيسباڻي, راج راڄپر, زاهد راڄپر, سارس راڄپر ,صحرائي, سيال حيات, ضمير زائر, ظفر حسين, علي حبيب, علي عاجز شر, فدا فياض شر, فقير جائي جمال هيسباڻي, ڪنيز فاطمه, گدا سلطان, معشوق علي ڪوکر

**سُگهڙ:**

ٻُڊل فقير, پاڪستان, حسين بخش شر, علم الدين, غلام الرسول، نواز علي,

**فنڪار:**

احسان علي پٽي, بشير بالادي, حفيظ الله راڄپر، سترومل, عجب علي رتڙ, فقير گلبهار

جويو, محمد حيات لاشاري, محمد عارف پٽي, محمد عرس پٽي, محمد يوسف راڄپر, منظور علي پٽي, همت علي رتڙ, وريام خان کوکر

**نثر نويس جن نظر ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو انهن ۾ ڪجهه نانءُ هي آهن:**
راشد شر, زاهد راڄپر, سرويچ چانگ, سيال حيات, عبدالرحمٰن چانگ, غفور چانگ, ڪامريڊ مرتضي شر, ناقص چانگ,ڪتاب جي آخر ۾ انهن ڪتابن جا حوالا ڏنل آهن جن مان ليکڪ دوست مدد ورتي اُهي انهن جا نالا لکيل آهن. تعلقي فيض گنج جو نقشو بہ ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.
ڪتاب ”ڪانهي ويل ويهڻ جي“ کي ڇئن بابن ۾وورهايوآهي، جن مان پهريون باب شاعرن جو/ ٻيو باب سُگهڙن جو/ ٽيون باب فنڪارن جو/چوٿون باب نثر نويسن جو/ هي ڪتاب 112 صحفن تي مشتمل آهي. ڪتاب تي مختلف شخصيتن جا تاثرات شامل آهن, جن مان ڪامريڊ مرتضي شر/ مانواري سائين مهر خادم سنڌي شعبو شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس/ مانواري سائين خاوند ڏنو لاڙڪ سنڌي شعبو شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس/ مانواري ميڊم نرگس بانو سنڌي شعبو شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس/ فليپر مانواري ميڊم زاهده مري چيئرپرسن سنڌي شعبو شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس/ ۽ ٻيو فليپر مانوري امرت سنڌي،بيڪ ٽائٽل اسان جو پيارو علي عاجز شر پڪا چانگ/ پنهنجي پاران اصغر شر/ اداري پاران ساجد سنڌي/ اصغر هن ڪتاب جي ارپنا پنهنجي پياري والد سائين سندس ماءُ جنهن پيرن هيٺ جنت آهي سندس ادبي لڏي ۾ رهنمائي ڪندڙ ۽ استاد علي عاجز شر ۽ هر باڪردار ۽ ڪاهوڙيءَ ۽ ڪتاب ۾ شامل سيني سرجڻهارن جي نانءُ ڪئي آهي. هي ڪتاب ادبي ڪيتر ۾ ۽ تعلقہ فيض گنج خيرپور ميرس جي انهن باڪردار ماڻهن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو. ۽ اتم تہ هي ڪتاب پڙهندڙن جي لاءِ پڻ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

# ڪوءِ ڳنديندڙ هوءِ ڪتاب ڪي لفظن جي پيڙا!

سنڌي ڪهاڻي جي تاريخ تمام گهڻي پراڻي لڳي ٿي. ڪهاڻي جي شروعات جتان ٿي اُتي ختم ٿيڻ واري هئي. وچ ۾ هڪ اهڙو وقت آيو سنڌي ڪهاڻي جي وجود ختم ٿيڻ جون اُفاهون ٻُڌڻ ۾ آيون پر جڏهن نوجوان ٿهي جي ليڪکن ڪهاڻي ڪي سهارو ڏئي ڪهاڻي تي دلچسپي سان ڪم ڪيو تڏهن سنڌي ڪهاڻي جي ختم ٿيڻ واريون ڳالهيون دم ٽوڙي ويون.سنڌي ڪهاڻي جي تاريخ ڪيتري ٻه پراڻي ڇو نه هجي پر ڪهاڻي تي موجود وقت تي ٻه پرپور نموني ڪم ٿي رهيو آهي سنڌي ڪهاڻي سان عشق ڪندڙ سنڌي ڪهاڻي جو هڪ ديوانو جنهن جو تعلق لاڙڪاڻي ضلع تعلقہ بادھ سان آهي.

هن جي ناول ڪهاڻي جي مٿان ڪهاڻين جي ڪتاب اچڻ ڪان پوءِ مان پڪ سان چئي سگهان ٿو تي هوش محمد ڀٽي کي ڪهاڻي سان عشق آهي ڪهاڻي صنف سان عشق ڪرڻ ڪا معمولي ڳالھ ناهي سندس ڪهاڻي سان عشق ڪنهن محبوبہ سان عشق ڪرڻ ڪان مٿائون آهي.

منهنجو هوش محمد سان روبرو ڪو ٻه واسطو يا ڪا ملاقات ناهي پر مون ڪيس فيس بڪ جي عالمي اوطاق سان ڪيس رابطو ڪيو هوش محمد روح ۾ سانديڻ جهڙو يارڙو آهي ڪيس جس هجي هن ڪي نوجوان ٿهي ۾ وڏو جاڪوڙ ڪري سنڌي ادب ڪي ارپيا آهن.

ڪوءِ ڳنديندڙ هوءِ موجود دور جو منفرد ڪتاب آهي جنهن ۾ هوش محمد جو دل ڪي وڻندڙ سترنهن ڪهاڻي ڪوءِ ڳنديندڙ هوءِ ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن. جيڪو تاريخي ڪم آهي جتي موجود دور ۾ سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي جي حوال سان مختلف ڳالهيون گردش ڪنديون رهن ٿيون اُتي هوش محمد ڀٽي جو دلربا ڪتاب تي مان ڪيس جس پيش ڪيان ٿو.

ڪتاب ڪوءِ ڳنديندڙ هوءِ ڪتاب ۾شامل ڪهاڻيون جنهن ۾ "مُوڙو" ڪهاڻي جڻ منهنجي دل جي ڳالھ هجي هوش محمد هُن ڪهاڻي ڪي جيترو مختصر ڪيو آهي تهڙي منفرد ڪهاڻي آهي. جيڪا هر پهلون ڪان وڻندڙ آهي.

مائوٿ آرگن ڪهاڻي دل جي ساز ڪي ڇيڙي ويندڙ ڪهاڻي آهي جوهي جي خاموشي مائوٿ آرگن جو ساز سمنڊ جو ايندڙ اڻ ڪٿ لهرون ٻيو ٻه گهڻو ڪجھ جيڪو ڪهاڻي جو وڻندڙ آهي.

تنهن ڪان سواءِ ڪوءِ ڳنديندڙ ڪوءِ ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻيون ٻه دلڪش آهن ليڪڪ طرفان ڪهڙي پيڙاھ مان گذري هي ڪهاڻيون تخليق ڪيو سان هڪ ليڪڪ ۽ ٻيو هن جي من ڪي خبر هوندي.

ڪتاب ۾ شامل سترهين ئي ڪهاڻيون من کي وڻندڙ دل کي ڇرڪائيندڙ ڪهاڻيون آهن. امن جو خواب, پنهنجو ديش اوپرا ماڻهو, ناچڻي ڪام ۽ ڪروڌ, دادلو درياء, ڪامريڊ11 ڪامريڊ 111 ملان شريف گاريون شوق ۽ غزل هڪ اڌوري ڪهاڻي دل کي وڻندڙ ڪهاڻيون آهن.

ڪتاب ۾ موجود ڪهاڻيون ڌرتيء ڌڻي سان ٿيندڙ ويساهگاتين ڏکن پيڙهن دردن تي آڌاريل آهن تنهن ڪانسواء هوش محمد پنهنجي قلم سان ڌرتيء ڌڻي جي حق ۾ قلم سان جنگ جو اعلان ڪيو آهي.هوش محمد جون اڪثر ڪهاڻيون سماجي اڻ برابري مذهبي انتها پسندي نفرتن جي باھ پنهنجن سان ٿيندڙ اختلافن خلاف مزاحمت آهن.

هوش محمد جي هن ڪتاب کي پڙهندي دلي سڪون مليو ۽ لڙڪن جون لارون بہ لڙي پيون آهن مان سندس ڪتاب تي پنهنجي قلم سان ڪجھ لفظ پيٽا طور لکي رهيو آهيان اميد تي پسند ايندا. هن ڪتاب جو مهاڳ ادبي ڪيتر جي وڏي نانء مدد علي سنڌي صاحب لکيو آهي تنهن کان سواء ڪتاب تي راء پروفيسر ڊاڪٽر تهمينہ مفتي, پيرعبيدراشدي, پبلشر نوٽ مرتضي لغاري ڪتاب ۾ فليپ پيپر عباس ڪوريجو شبيرلاکو ۽ بيڪ ٽائيٽل منظور ڪوهيار صاحب پنهنجي پاران هوش محمد پٺي لکيو آهي. هي ڪتاب مرڪ پبليڪيشن ڪراچي طرفان شايع ڪري پڌرو ڪيو ويو آهي هي ڪتاب سنڌي جي هر نوجوان ٿهي جي نئين لکندڙن کي پڙهڻ گهرجي.

# يوسف جميل لغاريءَ جي ڪتاب "اداس اکڙيون" تي هڪ نظر

موجود دور ۾ نئي ٿهي ۾ لکندڙ دوستن جو تعداد تمام وسيع نظر اچي پيو. انهي وسيع تعداد ۾ جيڪي اڳيرا لکي رهيا آهن انهن ۾ نثر جي حوالي سان منهنجو پيارو دوست يوسف جميل لغاري بہ تمام سنو لکي رهيو آهي.

يوسف جميل لغاري جو ڪتاب "اداس اکڙيون" نثري ٽڪرن تي سرجهايل خوبصورت ڪتاب آهي. جيڪو ڪتاب پي ڊي ايف ۾ ڪمپوز ڪري هن سنڌ سلامت تي رکرايو آهي. يوسف جميل لغاري سان منهنجي دعا سلام فيس بڪ جي عالمي اوطاق وسيلي ٿي جنهن ڪانپوءِ ميسيجر ۾ ڪچهريون ٿيڻ لڳيون پوءِ هڪٻئي جا نمبر وٺي فون ڪال تي ڪچهريون ڪري هڪ ٻئي کان گهڻو واقف ٿياسين.

يوسف جو تعلق ڪجين جي شهر خير پور جي علائقي نري ميرواهہ سان آهي هن وقت خيرپور جي مند ملهار جيان مهڪي رهي آهي ڪجين جي باغن ۾ ڪجين جي پٽ پٽان لڳي پئي آهي. خيرپور واسي هڪٻئي کي ڪجين جا تحفا ڏئي رهيا آهن.انهن ڪجين جي شهر جي منڙي ماڻهو يوسف کي هن وقت لفظ جي ارپنا ڏئي رهيو آهيان جيڪي ڪجين جي تحفي جيان آهن.

سندس ڪتاب "اداس اکڙيون" جلد شايع ڪرائي سنڌ واسين کي ارپنا طورارپيندو جيڪوبهترين ڪم هوندو .ڪتاب "اداس اکڙيون" ۾ جيڪي نثري ٽڪرا شامل آهن انهن ۾ "هان مان اُٽپورو آهيان" "تو ڇا ڄاڻي" "اداس اکڙيون" "ڪويتا" "هڪڙي چنڱي تنهنجي نالي". ڪان سواء ٻيا بہ ڪافي نثري ٽڪرا ڪتاب جي سونهن بڻايو بيٺا آهن جيڪي ليکڪ طرفان کهڙي ڪيفيت مان سرجها آهن اُهو هڪ ليکڪ ئي زباني ٻُڌائي سگهي ٿو.ڪتاب اداس اکڙيون جو مهاڳ تاثرات توڙي بيڪ ٽائيٽل سڀ نوجوان ٿهي جي ليکڪن لکيا آهن جيڪو انتهائي بهترين عمل آهي منهنجي خيال ۾ نئين ٿهي جا جيڪي لکندڙ نوجوان آهن انهن کي ڄاڻي واڻي وڏن ليکڪن طرفان ڏڪي ڪيو وڃي ٿو.

پر ڪڏهن افسوس انهن ڳالهہ جو ٿيندو آهي نوجوان ٿهي جا لکندڙ ڪڏهن مايوس ڪري ويجهندا آهن جنهن تي تمام گهڻو ڏک ٿيندو آهي ۽ ڪي نوجوان وري نئين ٿهي جي لکندڙ کي گهٽ ترجهي ڏيندا آهن انهي جا کهڙا سبب آهن اُهو بہ سواليا نشان آهي. برحال يوسف جميل يارن جو يار آهي مون ڪڏهن بہ ڪيس ايئن وڏائي يا پاڻ کي وڏو ليکڪ سمجهندي ناهي ڏٺو. سندس ڪتاب جو تاثرات جن لکيا آهن اُهي بہ نئين ٿهي جا سٺا لکندڙ آهن جن ۾ ڪوي آصف جسڪاڻي ثاقب بلوچ فهد عزيز لغاري عاجز عزيز شر آڪاش ميرواهي پنهنجي طرفان يوسف جميل لغاري ارپنا "عشق ۾ گرفتار ٿيندڙ سيني الهڙ نارين جي نانءِ ڪئي.

منهنجا صدين جا ٿڪ تڏهن لهي ويندا آهن جڏهن محبوب دوست جا ڪتاب يا هنن جا قلمي پورهيا پڙهندو آهيان. مان يقين سان چوان ٿو يوسف جو ڪتاب اداس اکڙيون جڏهن شايع ٿيندو انهي ڪتاب کي سنڌ ۾ وڏي پزيرائي ملندي.

يار يوسف هڪ ڏينهن تنهنجو ڪتاب سنڌ سلامت ڊاڪام تان پڙهي رهيو هئس اچانڪ خيال اچي ويو ڇو نه هن ڪتاب تي ٻه اکر لکجن هي چند لفظ توکي ارپيان ٿو شال قبول پون.

# "سمنڊ ڪنارو" ڪتاب جو سرجڻهار خادم گهراٽو

مان شروعاتي ڏينهن کان ڪوشش ۾ هوس ته ادبي جهان ۾ جيڪي به سرجڻهار آهن جن پنهنجي قلم سان ادبي حلقن جي بي باهه خدمت ڪئي آهي انهن شخصيتن ڪي ياد ضرور ڪيان سندن ادبي خدمتن توڙي ادبي دنيا ۾ ڪيل قلمي پورهئي تي ٿورو گهڻو ضرور لکان.اڄ مان جنهن شخصيت جي ڪتاب تي لکي رهيو آهيان اُهو نه رڳو منهنجو محسن آهي پر خبر نه آهي ڇو مان ڪيس پنهنجي پاڻ کان تمام ويجهو محسوس ڪندو رهيو آهيان.
سندس ادبي دنيا ۾ ڪوڙ خدمتون ڏنل آهن پاڻ استادي پيشي سان منسلڪ پڻ آهن استاد پيشي سان منسلڪ هجڻ ڪري مان ڪيس پنهنجو استاد پڻ ڪوٺيندو آهيان. سندس ملڻ ڪلڻ ڳالهائڻ جو انداز من کي موهي وجهندو آهي. نه وڏائي نه ڪو غرور نه وري انا پرستي صفا سادو سودو سندس ڳالهائڻ جو انداز به صفا پاڻ جيان نفيس جو پاڻ ڪا ڳالهه ڪري تي ٻيو پر وارو به مس ٻُڌي سندس آواز ٻين جي ڪنن تائين به مس پهچي ۽ سندس آواز ۾ اهڙو مناس جو ڳالهائي ته سندس ڳالهائڻ من کي وڻي. ٻيو اوهان سان ضروي ذڪر به ڪندو هلان تي مون جڏهن ادبي ڪيتر ۾ پنهنجا پير رکيا انهن ڏينهن ۾ منهنجي جن دوستن رهنمائي ڪئي انهن مان سائين خادم گهراٽو پڻ هو.
سائين جو تعلق نصرپور شهر سان آهي نصرپور شهر ٽنڊي الهيار جو اهم حصو آهي مون کي ياد آهي تي نصرپور کي جڏهن مٽياري ضلع ۾ شامل ڪيو ويو هو ته نصرپور شهر جي ماڻهن انهي فيصلي جي سخت مخالفت ڪئي هئي انهي ۾ سائين خادم سڀ کان اڳيرو هو. سائين خادم مان معذرت ڪندي چوان ٿو سائين مون کي اوهان جي ڪتاب ته گهڻو اڳ لکڻ ڪپي ها پر هڪ وقت جي اجازت ٻيو سُستي سبب رهجي ويل ڪم اڄ انهي آس تي مڪمل ڪيان پيو تي شال قبول پوي.
سائين خادم نه رڳو شاعر بلڪ سنو نثر نويس ڪالم نگار ۽ ڪهاڻيڪار پڻ آهي سندس ادبي دنيا ۾ خدمتن جي ڳڻپ ڪبي تي اڻ ڪُٿ آهي.بحرحال اڄ تي مان سندس شاعري جي ڪتاب سمنڊ ڪناري بابت ئي پنهنجا ويچار ونڊيندس جيڪي ڪجهه هن طرح هوندا.
سائين خادم سنڌي شاعري جي تقريبن سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي جنهن ۾ سائين غزل کي تمام گهڻو فوڪس ڪيو آهي جيڪو هن ڪتاب ۾ ٻين صنفن جي پيٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ لکيل غزلن مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو.مان به پنهنجي دل جي ڳالهه ڪندو هلان مون کي به شاعري جي صنفن ۾ غزل تمام گهڻو پسند آهي.
سائين خادم سمنڊ ڪناري ڪتاب ۾ جيڪي صنفون شامل ڪيون آهن انهن ۾ غزل,وائيون, نظم, نثري نظم, آزاد نظم, هائيڪا, ۽ بيت شامل آهن.

جنهن صنفن مان غزل ڪتاب جي سونهن کي سهڻو بڻايو بينو آهي. جنهن کان پوءِ سائين جا بيت بہ من کي موهيندڙ آهن. وائيون بہ دل کي وڻندڙ آهن نظم کي هونئن بہ سنڌ ۾ وڏي پذيرائي ملي آهي باقي صنفون بہ پنهنجي جاءِ تي سٺيون آهن. سائين خادم جي شاعري اوهان اڳيان پيش ڪيان ٿو.

**انبن جهليو آ ٻور**
**تون رهين پيو ڏور**

ياد رهي هي سٺون منهنجي علائقي سميت ٽنڊي الهيار کان نصرپور روڊ تي موجود انبن جي باغن ۾ بينل حسين ٻور جي تشبيهون ڏئي سائين پنهنجي غزل جي سونهن کي نروار ڪيو آهي. هونئن بہ جڏهن انب ٻور جهليندا آهن تڏهن پنهنجي محبوبا طرف ڪو خط ڪا تار موڪلي چورائي موڪلبو آهي تہ اي پرين انبن بہ ٻور جهليو پوءِ تون مون کان ڏور ڇو پيو رهين اچ تي ٻور جي خوشبو کي محسوس ڪيون هڪ ٻئي کان ٿيل ويڇا ختم ڪيون. ٻور ڪانپوءِ ٿيندڙ انبن مان انبڙيون ٿينديون اُهي بہ گڏجي کائون. انهي موسم ۾ جڏهن پرين جي اسان کان دوري هجي اُهو ڏکيو وقت هوندو.

**جت جهالت جا رسم رواج هن قائم**
**علم جوت سان تن کي بدلائي ٿو استاد**

ٻئي غزل جي سٽ ۾ سائين ڪمال ڪيو آهي انهي ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي استاد علم جي جوت سان جهالت کي ختم ڪري ٿو اسان جي معاشري ۾ جيڪي رسم رواج قائم ٿيل آهن انهن کان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ استاد جو معاشري کي بچائڻ لاءِ وڏو ڪردار آهي. اجان بہ اسان جهالت جي جنگ ۾ قاتل آهيون پر اڳ کان هن وقت شعور آهي اڳ تي ماڻهو لاشعور هوندا هئا انهي لاشعوري سبب هتي جيڪي رسمون رواج قائم ٿيا انهن جا اسان مٿان اثر اجان تائين موجود آهن.
سائين خادم هڪ بيت ۾ ڪجهہ هيئن لکي ٿو تہ

**بهار آئي منهنجي دل جي اڱڻ تي**
**وقت وڃڻ تي اچڻ جا وعده ڪري ويئي**

ڪتاب ۾ شامل گيت بہ من کي موهندڙ آهن جيڪي ثقافت ۽ سنڌ جي سونهون تي آڌاريل آهن جن منهنجي من کي موهي وڌو آهي. تنهن ڪانسواءِ نظم هائيڪا, نثري نظم ,آزاد نظم پڻ ڪتاب جي سونهون بڻيو بينا آهن.سائين خادم جا نظم پڻ سنڌ جي ترجماني ڪري رهيا آهن سندس هائيڪا بہ ڪنهن کان گهٽ ناهن باقي آزاد نظم ۽

نثري نظم پنهنجي جاءِ تي سنا لکيل آهن جن کي دل هر هر پڙهڻ تي مجبور ڪري ٿي. سائين خادم گهراٽي جوهي قلم پورهيو من کي موهيندڙ آهي اميد تي سڀ دوست سائين خادم جو سنڌ سلامت تان ڪتاب پڙهي لطف اندوز ٿيندا.

# ماڻهو هڪ جهنگل آ ناول تي اڌورا خيال

موجوده دور کي ناول جو دور چئي سگهجي ٿو, ناول کي سڄي جڳ ۾ هڪ الڳ مقام حاصل آهي, ڇا واقعي ۾ سڄو اولهه ناول جو ديوانو آهي. هوئين تي سنڌ اندر ناول ڪوڙ لکجي چُڪا آهن پر مون ناول تمام گهٽ پڙهيا آهن انهي جا ڪوڙ سبب آهن. آئون اڄ جنهن ناول تي لکڻ لاء ڪاپي قلم کڻي ڪجهه لکي رهيو آهيان اُهو ناول "ماڻهو هڪ جهنگل آ" هن ناول جو ليکڪ نہ رڳو نثري نويس آهي بلڪ سنو شاعر پڻ آهي. انهي شخص جو ناںء سنن لکيڪن شاعرن ۾ لکيو وڃي ٿو.

موجود دور ۾ناول تمام گهڻا ڇپيا آهن بلڪ تمام گهڻا پڙهيا ويا آهن. هن وقت ادبي لڏي ۾ ناول تمام گهڻو پڙهيو وڃي ٿو. پر مان اڳ جيان هن پيري بہ اُنهي ڳالهہ جي حمايت ڪندس مون ناول تمام گهٽ پڙهيا آهن پر علي صفدر جو ناول "ماڻهو هڪ جنهگل آ" مون دل سان پڙهيو آهي. علي صفدر جوناول "ماڻهو هڪ جنهگل آ" کان اڳ سندس بہ شاعري جا خوبصورت مجموعا اڳئي شايع ٿي چُڪا آهن. ناول جو ڪتاب سندس ٽيون مجموعو آهي.

ناول تڏهن پنهنجي عروج ڏيکاريندو آهي جڏهن سندس ڪردار پڙهندڙ کي متاثر ڪن پر ٻوڏ متاثر ڪيمپ ۾ رهي ڪري علي صفدر ناول جهڙي پُٽ کي جنم ڏنو جيڪو صدين تائين زنده رهندو.سندس ناول ۾ پاڻ ڏي متوجهہ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون بہ تمام گهڻيون آهن جيڪي سندس ناول جو حصو آهن سندس ڳوٺ واسي جنهن متاثر ڪيمپن ۾ ترسيل آهن اُتي هن کي ڪئي اڻجاتل تڪليفن کي منهن پڻ ڏيڻو پيو.

اڃا مون جڏهن علي صفدر جي ناول جو مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو تڏهن مون کي لاڙ پٽي جي ٽوڙي بند ٽُٽڻ وارو منظر ياد آيو جيڪو مون اکين سان ڏٺو هيو. انهي کان پوء جڏهن ماڻهن ۾ پاڄ پئي تڏهن سڄاول ۽ ٺٽي ضلعي کي ملائندڙ درياهہ جي پُل مٿان ماڻهن جو سمنڊ اُٿلي پيو هيو گاڏين جي رش ماڻهن جي اکين مان رت جا وهندڙ لڙڪ رمضان مبارڪ جون راتيون هيون فجر جو وقت هيو ماڻهو پنهنجي بچاءُ جو دعائون گهري رهيا هئا تڏهن سندس منهن تي پاڻي جا ڇنڊا اڇي لڳا هئا ڇو جو ٽوڙي بند کي گهارو هٿ ساڻ هئيو ويو هو. اُها سنڌ حڪومت جي سازش هئي.

خير جيڪو ٿيو انهي کي خدا جي خلق اکين مان لڙڪن بجاء رت جا ڳوڙها واهي قبول ڪيو هيو. صفدر جو ناول بہ سيلاب متاثر ٿيندڙ هر فرد جي دانهن آهي اڃا صفدر سندس ناول کي رڳو مهاٻوڏ تي ناهي لکيو انهي مهاٻوڏ کان پوء پيدا ٿيندڙ حالات کي بہ پنهنجي قلم سان اندبر لائين ڪيو آهي.

صفدر جي ناول لکڻ جو هڪ الڳ انداز آهي جاويد پنهنجي محبوبا جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تي مون کي تي فاطم ڪينسر جي مرض جيان آهي هوئين بہ ڪينسر جو مرض ماڻهو کي ماري پوء ڇڏيندو آهي.هوڏانهن وري جاسم ۽ زينو جي محبت پري

کهاڻي ۾ دردن کان گهٽ ڪان آهي.جاسم جي زينو سان ملاقات ڪنهن ٻوڏ متاثر ڪيمپ جي ڪنهن بند ڪمري ۾ ٿي جاسم ۽ زينو جي وچ ۾ جاسم جي پاڇائي ڪنهن رڪاوٽ جو باحث نه هوندي ٻه رڪاوٽ جي ديوار بڻجي رهي هئي.زينو جي چپن تي اُهي لفظ بار بار ڪنهن شاعر جي زبان مان ترنم جيان جهوگاريندڙ غزل جيان گهونجي رهيا هئا.

تون منهنجو گل ڦل آهين مان اگر گل ڦل مان گلزار ٿي وڃان پوء تنهنجو ڇا ٿيندو جهڙا لفظ زينو گُنگنائي رهي هئي.زينو جي من ۾ ڪا ڳالهه هئي جيڪا هر هر هن جي چپن تي اچي پوء ڪنهن ٻار جي برسات ۾ ترڪڻ جيان ترڪي رهي هئي. بس گهڻو پنهنجي من جي ڳالهه لڪائيندي چپن مان ڪنهن ترنم جيان جهوگاري ورتي هئي جاسم! مان توسان شادي ڪندس.جاسم کي جاويد وارو قصو ياد هيوجاسم ڪنهن طويل سوچ ۾ گم ٿي ويو هُو سوچي رهيو هيو تي زينو ايڏو وڏو فيصلو ڪيئن ڪري ورتو. زينو ٻه جاسم سان وچن واعدا ڪرڻ لڳي انهن وچن واعدن جو قصو ٻه تمام طويل هيو.جاسم کي جاويد واري عشق وارو انتقام ياد هيو جاسم کي جاويد جي يادون ٻه جهوري ڇڏيو هيو سندس خوابن وارو قصو جاسم کي وڦلائي رهيو هيو.

هن ناول جا جيڪي ڪردار آهن انهن ناول سان واهه جو نياءُ ڪيو آهي صفدر سندس ناول کي جنم ڏئي صدين لاء هن ڌرتيء ڏٽين جي وچ ۾ زنده رهندڙ پُٽ کي جنم ڏنو آهي هڪ تي سندس ناول ۾ پيار جا قصا آهن ٻئي پاسي ماڻڪ پور واسي اڌ عمر جا پوڙها ٻه برياني جي ديگ لاء ترسن ٿا وطن ڪارڊ سيمت ٻين امدادي سامانن لاء ٻوڏ متاثر ڪيمپ ڪان ٻاهر هر هر ڊوڙ پائڻ ۽ مرگي واري برياني لاء ڌرڻو ٻه هڻي ويهڻ ڪانسواء ٻيون ٻه تمام متوجهه ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون هن ناول "ماڻهو هڪ جهنگل آ" جو سينگار بڻايون آهن. هن ڪتاب ۾ جيڪي هن موضوع ڇيڙيا آهن انهن موضوع جا حقيقت ۾ ثبوت مليا آهن. جن کي مد نظر رکندي علي صفدر "ماڻهو هڪ جهنگل آ" جهڙي ناول کي تمام وڏين ڪوشش ڪان پوء حتمي شڪل ڏئي پيش ڪيو آهي.

سندس ناول ڪنهن ساراهه جو محتاج ناهي سندس ناول تي پلي ڪو نه ٻه لکي پو سندس ناول صدين تائين اسانجي ادبي ڪيتر ۾ زنده رهندو. هي ناول ٻيا ماڻهو پلي نه پڙهن پر ٻوڏ متاثر ضرور پڙهن جن جي اکين ۾ اجان مهابوڏ جا منظر زنده هجن. علي سندس ناول جي ارپنا انهن ماڻهن کي ڪئي آهي جيڪي هن دور ۾ ڪڙو سچ ڳالهين ٿا. محمد صديق منگيو ۽ بيڪ پيج تي منير چانديو طرفان تاثرات لکيو آهي. "ماڻهو هڪ جهنگل آ" ناول ڪنول پبليڪيشن طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book